قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَنُخْرِجَنَّكَ يٰشُعَيْبُ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَكَ مِنْ قَرْيَتِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ۭ قَالَ اَوَلَوْ كُنَّا كٰرِهِيْنَ ؁ (٨٨)

(٨٨) (حضرت) شعيب جي قوم جي هٺيلن سردارن چيو تہ اي شعيب! اسان توکي ۽ تنهنجي ساٿين کي جن توتي ايمان آندو آهي، يقيناً پنهنجي ڳوٺ مان ڪڍي ڇڏينداسين، يا تہ اوهان اسان جي (ابن ڏاڏن جي) مذهب ۾ موٽي اچو (تہ پوءِ اسان اوهان کي ملڪ نيڪالي ڪونہ ڏينداسين). حضرت شعيب فرمايو تہ جيڪڏهن اسان (توهان جو غلط مذهب ۽ ظالم طريقا) ڌڪاريون ٿا تہ بہ (توهان جو مذهب ۽ طريقا) اختيار ڪريون ڇا؟ (۽ روشنائيءَ کي ڇڏي اونداهي اختيار ڪريون ڇا؟)

قَدِ افْتَرَيْنَا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اِنْ عُدْنَا فِيْ مِلَّتِكُمْ بَعْدَ اِذْ نَجّٰىنَا اللّٰهُ مِنْهَا ۭ وَمَا يَكُوْنُ لَنَآ اَنْ نَّعُوْدَ فِيْهَآ اِلَّآ اَنْ يَّشَاۗءَ اللّٰهُ رَبُّنَا ۭ وَسِعَ رَبُّنَا كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ۭ عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا ۭ رَبَّنَا افْتَحْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ قَوْمِنَا بِالْحَقِّ وَاَنْتَ خَيْرُ الْفٰتِحِيْنَ (٨٩)

(٨٩) حضرت شعيب وڌيڪ فرمايو تہ) جيڪڏهن اسان توهان جي دين ۾ موٽي اچون تہ پوءِ اهو موٽي اچڻ ٿيو الله تعاليٰ تي ڪوڙ ۽ بهتان مڙهڻ. (ڇو تہ حقيقتاً اهو غلطين ۽ گناه جا ڪم الله تعاليٰ ڪونہ سيکاريا آهن ۽ اسان ڪيئن غلط دين ۾ موٽي سگهون ٿا). جڏهن تہ اسان کي الله تعاليٰ ان مان ڇڏايو آهي ۽ اسان جي لاءِ هي هرگز مناسب ناهي تہ اسان ان (غلط دين) ۾ وري اچي داخل ٿيون، سواءِ هن جي جو (توهان جو دين سچو هجي ۽) اسان جو پروردگار پاڻ ائين چاهي. اسان جي پروردگار جو علم هر شيءَ تي پهچي ٿو (يعني الله تعاليٰ کي سڀ ڪجهہ معلوم آهي). اسان تہ الله تي توڪل رکي آهي (توهان ظالمن کان هرگز ڊڄڻ وارا ناهيون) اسان جي صدا تہ هيءَ آهي تہ) اي اسان جا پروردگار! اسان (مومنن) جي ۽ اسان جي (منڪر) قوم جي وچ ۾ حق ۽ صداقت سان فيصلو ڪرڻ فرماءِ ۽ تون ئي بهترين فيصلو ڪندڙ آهين.

وَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَىِٕنِ اتَّبَعْتُمْ شُعَيْبًا اِنَّكُمْ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ (٩٠)

(٩٠) ۽ قوم مان جن (حضرت شعيب تي) ايمان آڻڻ کان انڪار ڪيو تن جي سردارن (قوم جي مومنن توڙي منڪرن کي) چيو تہ جيڪڏهن توهان شعيب جي پروي ڪئي تہ يقيناً نقصان هيٺ ايندؤ (يعني اسان توهان کي پنهنجي ظالم ڪارروائين سان تباهہ ڪري ڇڏينداسين.)

فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ (٩١)

(٩١) (تنهن تي الله تعاليٰ جو غضب منڪرن تي آيو ۽) پوءِ هنن کي ڌرتيءَ جي زلزلي اچي پڪڙ ڪئي. جنهن جي ڪري هو پنهنجي گهرن ۾ ڪريل ۽ ليٽيل حالت ۾ (ڏٺجي پورجي) فنا ٿي ويا (صبح جي وقت اونڌي منهن پيا هئا).

الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ۚ اَلَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَانُوْا هُمُ الْخٰسِرِيْنَ (٩٢)

(٩٢) (ڏسو تہ) جن ماڻهن شعيب کي ڪوڙيو سمجهي نہ مڃيو سي (اهڙا تہ فنا ٿي ويا جو) گويا هو ڪڏهن انهن گهرن ۾ رهيائي ڪونہ هئا (جن ۾ دنيائي نعمتون ماڻيون هئائون ۽ ڏسو تہ اهي منڪر مومنن کي ڪوبہ نقصان پهچائي ڪونہ سگهيا اٽلندو) اهي ئي تباهہ ٿي ويا جن حضرت شعيب کي ڪوڙو سمجهي مٿس ايمان نہ آندو.

فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَنَصَحْتُ لَكُمْ ۚ فَكَيْفَ اٰسٰى عَلٰى قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ﴿٩٣﴾

(٩٣) پوءِ حضرت شعيب انهن منڪرن کان منهن موڙي هليو ويو ۽ چيائين ته، اي منهنجي قوم! مون ته بيشڪ پنهنجي پروردگار جا موڪليل پيغام ۽ حڪم اوهان کي پهچائي ڏنا ۽ اوهان جي خيرخواهي ڪري چڱيون نصيحتون ڏنم. (مون پنهنجو فرض بجا آندو) پوءِ چو منڪر قوم (جي برباد ٿيڻ) تي اجايو ويهي افسوس ڪيان.

### رکوع 12

### جڏهن رسول ڪٽي اچي ٿو تڏهن سردار ۽ شاهوڪار مخالفت ڪن ٿا

وَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّبِيٍّ اِلَّآ اَخَذْنَآ اَهْلَهَا بِالْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ يَضَّرَّعُوْنَ ﴿٩٤﴾

(٩٤) اسان جتي به ۽ جڏهن به ڪنهن بستيءَ ۾ نبي موڪليو تڏهن اتي جي رهندڙن کي تڪليف ۽ تنگيءَ ۾ مبتلا ڪيوسين، انهيءَ لاءِ ته هو نماڻائي سکن.

ثُمَّ بَدَّلْنَا مَكَانَ السَّيِّئَةِ الْحَسَنَةَ حَتّٰى عَفَوْا وَّقَالُوْا قَدْ مَسَّ اٰبَآءَنَا الضَّرَّآءُ وَالسَّرَّآءُ فَاَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٩٥﴾

(٩٥) پوءِ وري اسان ان تڪيف ۽ تنگيءَ جي جاءِ تي راحت ۽ آسودگي آندي ايتري قدر جو هنن خوب ترقي ڪئي ۽ وڌيا. پر پوءِ چوڻ لڳا ته اسان جي ابن ڏاڏن کي به ساڳيءَ طرح (پهريائين) سختي ۽ (پوءِ) راحت ۽ آسودگي پيش آئي هئي. (يعني هنن خدا جي قانون کي وساري اها ڳالهه رواجي سمجهي پر حقيقتاً هي قانون اڻٽر آهي ته نيڪ ۽ صالح قوم ترقي ڪري ٿي ۽ وري جڏهن گناهن ۾ غلطان ٿئي ٿي تڏهن مٿس زوال اچي ٿو. هو خدا جي حڪمن کان غافل ٿيا تنهن ڪري) اسان اوچتو کين پڪڙ ڪئي (۽ مٿن عذاب نازل ڪيو) جڏهن هو بلڪل بي خبر هئا ۽ هنن کي اها ڳالهه سمجهه ۽ خيال ۾ ئي نه آئي (ته سندن اخلاقي حالت بگڙندي رهي آهي ۽ مٿن عذاب اچڻ وارو آهي.).

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰٓى اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَرَكٰتٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ وَلٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٦﴾

(٩٦) ۽ جيڪڏهن شهرن ۾ رهندڙ (خدائي قانون ۾) ايمان رکن ها ۽ خدا (جي حڪمن جي نافرماني جي نتيجن) کان ڊڄن ها ته اسان هنن لاءِ زمين ۽ آسمان جون سڀ برڪتون کولي ڇڏيون ها پر هنن (خدائي حڪمن کي) ڪوڙيو ٺهرايو، تنهن ڪري اسان هنن کي سندن بدعملن جي سزا ڏيڻ لاءِ پڪڙ ڪئي (۽ مٿن عذاب نازل ڪيو.)

اَفَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا بَيَاتًا وَّهُمْ نَآئِمُوْنَ ﴿٩٧﴾

(٩٧) شهرن جا ماڻهو (پنهنجي غفلت ۾) پاڻ کي هن خطري کان سلامت ٿا سمجهن، ڇا ته اسان جو عذاب مٿن رات جي وقت اوچتو اچي ڪڙڪي ۽ هو ننڊ ۾ پيا هجن؟

اَوَ اَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا ضُحًى وَّهُمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿٩٨﴾

(٩٨) شهرن جا رهندڙ هن خطري کان بي خوف ٿي ويا آهن، ڇا ته اسان جو عذاب مٿن ڏينهن جوئي اچي ڪڙڪي ۽ هو کيلن تماشن ۾ بي خبر هجن؟

اَفَاَمِنُوْا مَكْرَ اللّٰهِ ۚ فَلَا يَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا

(٩٩) ڇا اهي ماڻهو الله جي مخفي تدبير (۽ قانون جي گرفت کان) بي خوف ٿي ويا آهن؟ (کين يقين ڄاڻڻ گهرجي ته) فقط اهائي قوم خدا جي

اَلْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٩٩﴾

مخفي تدبير (۽ قانون جي گرفت) کان پاڻ کي سلامت سمجهي ٿي ۽ بي خوف رهي ٿي جا (ان غفلت سبب) ضرور تباهه ٿيڻ واري آهي.

### رڪوع 13

**افسوس جو ترقي يافته ماڻهو اڳين قومن جي تباهيءَ مان عبرت نه ٿا وٺن**

اَوَ لَمْ يَهْدِ لِلَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِ اَهْلِهَآ اَنْ لَّوْ نَشَآءُ اَصَبْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ ۚ وَ نَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿١٠٠﴾

(١٠٠) ڇا اهي ماڻهو جي اڳين حڪمران قومن (جي برباد ٿيڻ) کان پوءِ زمين جا وارث ٿيا آهن، سي هي ڳالهه نٿا سمجهن ۽ ان مان سبق ۽ هدايت نٿا وٺن ته جيڪڏهن اسان (خدا تعاليٰ) چاهيون ته کين به سندن گناهن سبب عذاب ۽ مصيبتن ۾ وجهون ۽ سندن دلين تي (اهڙي طرح) مهر ڪري ڇڏيون جو هو (حق ۽ انصاف جا لفظ) ٻڌن ئي نه (نڪي سمجهن، نڪي سعادت جي راهه اختيار ڪن).

تِلْكَ الْقُرٰى نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآئِهَا ۚ وَ لَقَدْ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا مِنْ قَبْلُ ؕ كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٠١﴾

(١٠١) (اي پيغمبر!) اهي بستيون ۽ شهر آهن (جن ۾ مٿي ذڪر ڪيل پيغمبرن پنهنجا فرض ادا ڪيا) جن جا احوال اسان توکي بيان ڪري ٻڌايون ٿا ۽ يقيناً انهن ماڻهن ڏي انهن جا پيغمبر روشن دليلن سان آيا. پوءِ جنهن ڳالهه (هدايتن ۽ حڪمن) کي هنن ڪوڙو سمجهي نه مڃيو تنهن تي ايمان آڻڻ کان هو پوءِ به پري رهيا. (ڇو ته جيڪو ماڻهو بنا غور ۽ صداقت جي ضد ۽ مخالت ڪري ٿو سو وڌيڪ ۽ وڌيڪ انڌو ٿيندو ٿو وڃي) الله تعاليٰ اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن جي دلين تي مهر ڪري ٿو ڇڏي. (پوءِ هو سنئين راهه تي اچي نٿا سگهن) جيڪي ضد ۽ هٺ سببان حق کان انڪار ٿا ڪن.

وَ مَا وَجَدْنَا لِاَكْثَرِهِمْ مِّنْ عَهْدٍ ۚ وَ اِنْ وَّجَدْنَآ اَكْثَرَهُمْ لَفٰسِقِيْنَ ﴿١٠٢﴾

(١٠٢) ۽ انهن مان گهڻن ماڻهن کي اسان عهد اقرار تي قائم نه ڏٺو، (يعني جيڪي عهد اقرار الله سان ۽ سندن رسولن سان ڪيا هئائون تن تي عمل نه ڪيائون) بلڪ اسان گهڻن کي نافرمان ۽ باغي ڏٺو.

ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَ مَلَا۠ئِهٖ فَظَلَمُوْا بِهَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٠٣﴾

(١٠٣) (انهن پيغمبرن کان) پوءِ اسان موسيٰ کي پنهنجي نشانين (معجزن) سان فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن (پيغمبر ڪري) موڪليو. پر هنن انهن نشانين بابت ظلم ڪيو، (انهن کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ نه مڃيو) پوءِ (اي پيغمبر!) ڏس ته فساد ڪندڙن جي پڇاڙي ڪهڙي نه (خراب) ٿي.

وَ قَالَ مُوْسٰى يٰفِرْعَوْنُ اِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ﴿١٠٤﴾

(١٠٤) ۽ حضرت موسيٰ فرمايو ته، اي فرعون مان بيشڪ سڄي جهان جي پروردگار جي طرف کان پيغمبر ٿي آيو آهيان.

حَقِيْقٌ عَلٰٓى اَنْ لَّآ اَقُوْلَ عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ؕ قَدْ جِئْتُكُمْ بِبَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَرْسِلْ مَعِيَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ؕ﴿١٠٥﴾

(١٠٥) منهنجي لاءِ مناسب ۽ زيب ائين آهي ته الله تعاليٰ بابت (۽ سندس پاران) اهڙي ڳالهه نه چوان جا حق نه هجي. مان سچ پچ توهان جي رب جي طرف کان روشن دليل کڻي اوهان ڏي آيو آهيان. پوءِ (منهنجي ڳالهه مڃيو ۽) بني اسرائيلن کي مون سان وڃڻ ڏيو (ته مان کين مصر مان ڪڍي پنهنجي اڳوڻي وطن ڪنعان ڏي وٺي وڃان).

قَالَ اِنْ كُنْتَ جِئْتَ بِاٰيَةٍ فَاْتِ بِهَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ۝١٠٦

(١٠٦) فرعون ورندي ڏني تہ جيڪڏهن ڪا نشاني ڪٺي آيو آهين ۽ جيڪڏهن تون انهيءَ دعويٰ ۾ سچو آهين تہ اها نشاني پيش ڪر.

فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِىَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ ۝١٠٧

(١٠٧) پوءِ حضرت موسىٰ پنهنجي لٺ پٽ تي اڇلائي تہ ڇا ڏٺو جو اها لٺ هڪ چٽي پٽي اژدها (يعني وڏو نانگ) ٿي پيئي.

وَّ نَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا هِىَ بَيْضَآءُ لِلنّٰظِرِيْنَ ۝١٠٨

(١٠٨) ۽ (بغل مان جو) هٿ ڪڍيائين تہ (سبحان الله) هو ڏسندڙن لاءِ سفيد ۽ نوراني هو.

## رڪوع 14

## مصر جي جادوگرن جو گڏ ٿي حضرت موسىٰ سان مقابلو

قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِيْمٌ ۝١٠٩

(١٠٩) (جڏهن حضرت موسىٰ پنهنجا ٻہ معجزا ڏيکاريا تڏهن) فرعون جي قوم جا سردار (پاڻ ۾) چوڻ لڳا تہ بيشڪ هو وڏي علم وارو (هوشيار) جادوگر آهي.

يُّرِيْدُ اَنْ يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ ۚ فَمَاذَا تَاْمُرُوْنَ ۝١١٠

(١١٠) هو (حضرت موسىٰ) چاهي ٿو تہ اوهان (سيني مصري ماڻهن) کي ملڪ مان تڙي ڪڍي (۽ پنهنجي بادشاهي قائم ڪري) هاڻي ٻڌايو تہ توهان جي ڪهڙي صلاح آهي. (ٻڌايو تہ ڇا ڪرڻ گهرجي).

قَالُوْٓا اَرْجِهْ وَاَخَاهُ وَاَرْسِلْ فِى الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ۝١١١

(١١١) هنن (مشورو ڪرڻ بعد فرعون کي) چيو تہ موسىٰ ۽ سندس ڀاءُ (هارون) کي مهلت ڏي ۽ سيني شهرن ۾ گڏ ڪندڙ (قاصد) موڪل.

يَاْتُوْكَ بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِيْمٍ ۝١١٢

(١١٢) جي سيني علم وارن هوشيار جادوگرن کي تو وٽ وٺي اچن.

وَجَآءَ السَّحَرَةُ فِرْعَوْنَ قَالُوْٓا اِنَّ لَنَا لَاَجْرًا اِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِيْنَ ۝١١٣

(١١٣) (فرعون انهيءَ مشوري تي عمل ڪيو ۽ قاصد ويا) پوءِ سڀ جادوگر فرعون وٽ آيا ۽ چيائون تہ جيڪڏهن اسان (موسىٰ جي جادو گريءَ تي) غالب پئون (۽ کيس شڪست ڏيون) تہ ضرور اسان کي (تو وٽان) انعام ملڻ گهرجي.

قَالَ نَعَمْ وَاِنَّكُمْ لَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ۝١١٤

(١١٤) (فرعون) چيو تہ هائو (بيشڪ اوهان کي انعام ڏيندس نہ رڳو ايترو پر) اوهان بيشڪ انهن مان ٿيندؤ هي (مون وٽ) ويجها پيارا معزز درباري آهن.

قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِمَّآ اَنْ تُلْقِىَ وَاِمَّآ اَنْ نَّكُوْنَ نَحْنُ الْمُلْقِيْنَ ۝١١٥

(١١٥) جادوگرن چيو تہ اي موسىٰ (پهريائين) تون اڇلائيندين (يعني جادو ڏيکاريندين) يا اسان (اول) اڇلائڻ وارا ٿيون.

قَالَ اَلْقُوْا ۚ فَلَمَّآ اَلْقَوْا سَحَرُوْٓا اَعْيُنَ النَّاسِ وَاسْتَرْهَبُوْهُمْ وَجَآءُوْ بِسِحْرٍ عَظِيْمٍ ۝١١٦

(١١٦) حضرت موسىٰ ورندي ڏني تہ (اول) توهان اڇلايو، سو جڏهن هنن اڇلايو تڏهن ماڻهن جون اکيون مسحور ڪري ڇڏيائون (يعني چشم بندي ڪيائون ۽ ماڻهن جي اکين کي ڀلايائون) ۽ ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس پيدا ڪيائون ۽ وڏو جادو ڪري ڏيکاريائون.

وَأَوْحَيْنَآ إِلَىٰ مُوسَىٰٓ أَنْ أَلْقِ عَصَاكَ ۖ فَإِذَا هِىَ تَلْقَفُ مَا يَأْفِكُونَ ﴿١١٧﴾

(١١٧) ۽ اسان (يعني الله تعاليٰ) وحي جي رستي موسيٰ کي حڪم ڏنو ته (هاڻي) تون پنهنجي لٺ اڇلاءِ. (هن لٺ اڇلائي ته) ڇا ٿيو جو هڪدم (اها لٺ نانگ بڻجي) انهن شين کي ڳھي ويئي جي هنن (سڪٽيون ڪوڙيون) بنايون هيون.

فَوَقَعَ الْحَقُّ وَبَطَلَ مَا كَانُوا۟ يَعْمَلُونَ ﴿١١٨﴾

(١١٨) پوءِ (اهڙيءَ طرح) حق ثابت ٿيو، ۽ جيڪي جيڪي (ڪوڙيون ڳالهيون) هنن ڪيون هيون سي بيڪار ثابت ٿيون.

فَغُلِبُوا۟ هُنَالِكَ وَٱنقَلَبُوا۟ صَٰغِرِينَ ﴿١١٩﴾

(١١٩) پوءِ (اهڙيءَ طرح فرعون ۽ سردارن کي) اتي شڪست آئي ۽ هو ذليل ۽ خوار ٿيا (۽ هنن جو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو).

وَأُلْقِىَ ٱلسَّحَرَةُ سَٰجِدِينَ ﴿١٢٠﴾

(١٢٠) پر (اهي سڀ) جادوگر سجدي ۾ ڪري پيا.

قَالُوٓا۟ ءَامَنَّا بِرَبِّ ٱلْعَٰلَمِينَ ﴿١٢١﴾

(١٢١) (۽) چيئون ته اسان جهانن جي پروردگار تي ايمان آندو آهي.

رَبِّ مُوسَىٰ وَهَٰرُونَ ﴿١٢٢﴾

(١٢٢) جو موسيٰ ۽ هارون جو پروردگار آهي (يعني انهيءَ ئي رب تي ايمان آندو اٿئون، جنهن جي تعليم موسيٰ ۽ هارون ڏين ٿا).

قَالَ فِرْعَوْنُ ءَامَنتُم بِهِۦ قَبْلَ أَنْ ءَاذَنَ لَكُمْ ۖ إِنَّ هَٰذَا لَمَكْرٌ مَّكَرْتُمُوهُ فِى ٱلْمَدِينَةِ لِتُخْرِجُوا۟ مِنْهَآ أَهْلَهَا ۖ فَسَوْفَ تَعْلَمُونَ ﴿١٢٣﴾

(١٢٣) (تنهن تي غصي ۾ اچي) فرعون (انهن جادوگرن کي) چيو ته، ڇا انهيءَ کان اڳي جو مان اوهان کي (ايمان آڻڻ لاءِ) موڪل ڏيان توهان (موسيٰ ۽ سندس رب تي) ايمان ٿا آڻيو؟ بيشڪ هيءَ هڪڙي چالبازي آهي جا توهان هن شهر ۾ ڪيڏي آهي، انهيءَ لاءِ ته توهان هتئون جي ماڻهن کي هن شهر مان تڙي ڪڍو. پر جلد ئي توهان معلوم ڪندؤ (ته اوهان کي ڪهڙي ٿو سزا ڏيان).

لَأُقَطِّعَنَّ أَيْدِيَكُمْ وَأَرْجُلَكُم مِّنْ خِلَٰفٍ ثُمَّ لَأُصَلِّبَنَّكُمْ أَجْمَعِينَ ﴿١٢٤﴾

(١٢٤) يقين ڄاڻو ته مان توهان جا هٿ ۽ پير ابتا ۽ سدا وڍائي ڇڏيندس، پوءِ توهان سڀني کي ڦاسيءَ تي چڙهائيندس.

قَالُوٓا۟ إِنَّآ إِلَىٰ رَبِّنَا مُنقَلِبُونَ ﴿١٢٥﴾

(١٢٥) (هنن ايمان آڻيندڙ جادوگرن) جواب ۾ چيو ته، (تون ڀلي اسان کي سوريءَ تي چاڙهه) اسان سڀ (آخر ته) بيشڪ پنهنجي پروردگار ڏي موٽڻ وارا آهيون.

وَمَا تَنقِمُ مِنَّآ إِلَّآ أَنْ ءَامَنَّا بِـَٔايَٰتِ رَبِّنَا لَمَّا جَآءَتْنَا ۚ رَبَّنَآ أَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَتَوَفَّنَا مُسْلِمِينَ ﴿١٢٦﴾

(١٢٦) ۽ (اي فرعون) تون اسان کان (ڪهڙيءَ ڳالھ جو بدلو ۽ وير ٿو وٺين؟ ڇا) هن ڳالھ جو وير ٿو وٺين ته جڏهن اسان جي پروردگار وٽان اسان ڏي آيتون (يعني نشانيون) اچي ويون آهن، تڏهن اسان انهن تي ايمان آندو آهي. (ڀلي ايمان آڻڻ جي بدلي ۾ اسان کي سزا ڏي. اسان جي صدا ته هيءَ آهي ته) اي اسان جا پروردگار! اسان کي صبر ۽ ثابت قدمي عطا ڪر ۽ اسان کي اسلام (يعني تنهنجي فرمانبرداريءَ) جي حالت ۾ موت عطا ڪر.

## رڪوع 15

### غلامانہ زندگيءَ جو اثر هي ٿو ٿئي جو همت جو روح ئي سڪي ٿو وڃي

وَ قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اَتَذَرُ مُوْسٰى وَ قَوْمَهٗ لِيُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ وَ يَذَرَكَ وَ اٰلِهَتَكَ ؕ قَالَ سَنُقَتِّلُ اَبْنَآءَهُمْ وَ نَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ۚ وَ اِنَّا فَوْقَهُمْ قٰهِرُوْنَ ﴿۱۲۷﴾

(١٢٧) ۽ فرعون جي قوم جي سردارن فرعون کان پڇيو تہ موسيٰ کي ۽ سندس قوم کي ائين ئي ڇڏي ٿا ڏيو چا تہ پلي ملڪ ۾ فساد مچائيندا رهن ۽ تو کي ڇڏي ڏين (تنهنجي تابعداري نہ ڪن) ۽ تنهنجي خدائن کي بہ ڇڏي ڏين؟ (يعني مصر جي ديوتائن جي پوڄا نہ ڪن؟) تنهن تي فرعون ورندي ڏني تہ (جيئن اڳيئي منهنجو حڪم ڪيل آهي) اسان انهن (بني اسرائيلن) جا (نوان ڄاول) پٽ (داين هٿان) قتل ڪنداسين ۽ سندن (نيون ڄاول) ڌيئرن کي جيئرو ڇڏينداسين (جي اسان جون ٻانهيون ٿينديون) ۽ بيشڪ اسان کي هنن جي مٿان ڪامل طاقت ۽ غلبو آهي.

قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهِ اسْتَعِيْنُوْا بِاللّٰهِ وَ اصْبِرُوْا ۚ اِنَّ الْاَرْضَ لِلّٰهِ ۙ يُوْرِثُهَا مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَ الْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۲۸﴾

(١٢٨) (جڏهن فرعون ۽ سندس سردارن جا بني اسرائيلن تي وڏيڪ ظلم ٿيڻ لڳا تڏهن) حضرت موسيٰ پنهنجي قوم جي ماڻهن کي فرمايو تہ الله کان مدد گهرو ۽ (مصيبتن ۾) صبر ڪيو (۽ خدا جي راهہ ۾ ثابت قدم رهو) يقين ڄاڻو تہ زمين الله جي آهي. پنهنجي بندن مان جنهن کي وٽيس تنهن کي ان زمين جو وارث (يا مالڪ يا حاڪم) ڪري ۽ (يقين ڄاڻو تہ) (چڱي) پڇاڙي انهن جي ٿيندي جي پرهيزگار ۽ نيڪ آهن.

قَالُوْۤا اُوْذِيْنَا مِنْ قَبْلِ اَنْ تَاْتِيَنَا وَ مِنْۢ بَعْدِ مَا جِئْتَنَا ؕ قَالَ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّهْلِكَ عَدُوَّكُمْ وَ يَسْتَخْلِفَكُمْ فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۹﴾ ع

(١٢٩) (بني اسرائيلن ۾ اهڙي صبر ۽ يقين ڪونہ هو تنهن ڪري مايوسي ۽ رنجيدگي ۾) هنن چيو تہ اسان جي نصيب ۾ تہ اڳي بہ ايذاءَ ۽ مصيبتون هيون ۽ تنهنجي اسان ڏي (رسول ٿي) اچڻ کان پوءِ بہ (ساڳيون ئي مصيبتون آهن) تنهن تي حضرت موسيٰ فرمايو تہ (نااميد نہ ٿيو) ممڪن آهي تہ اوهان جو پروردگار اوهان جي دشمن کي تباهہ ڪري ڇڏي ۽ اوهان کي ملڪ ۾ (سندن) جانشين ڪري (يعني اوهان کي غلبو ۽ حڪومت ڏئي) ۽ پوءِ الله تعاليٰ توهان کي آزمائي تہ (غلبي جي حالت ۾) توهان ڪهڙا ٿا عمل ڪيو؟

## رڪوع 16

### غلاميءَ مان جان ڇڏائڻ تي بني اسرائيلن کي بادشاهي ۽ ٻيون نعمتون مليون

وَ لَقَدْ اَخَذْنَاۤ اٰلَ فِرْعَوْنَ بِالسِّنِيْنَ وَ نَقْصٍ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿۱۳۰﴾

(١٣٠) ۽ اسان (يعني الله تعاليٰ) فرعون جي ماڻهن کي خشڪ سالي (پاڻيءَ جي گهٽتائي) ۽ فصلن جي ڪميءَ جي عذاب ۾ گرفتار ڪيو، انهيءَ لاءِ تہ من ائين هو خدا کي ياد ڪن ۽ نصيحت حاصل ڪن.

فَاِذَا جَآءَتْهُمُ الْحَسَنَةُ قَالُوْا لَنَا هٰذِهٖ ۚ وَ اِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّطَّيَّرُوْا بِمُوْسٰى وَ مَنْ

(١٣١) پوءِ جڏهن هنن کي ڪو فائدو پهچندو هو تڏهن چوندا هئا تہ اهو اسان جو حق آهي (۽ اسان حق تي آهيون) ۽ جيڪڏهن هنن کي ڪا

مَّعَهٗ ؕ اَلَآ اِنَّمَا طٰٓئِرُهُمْ عِنْدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ
اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٣١﴾

تڪليف پهچندي هئي ته، حضرت موسيٰ ۽ سندس ماڻهن کي نحس ۽ بدشگون (خراب سوڻ) سمجهندا هئا. (يعني سمجهندا هئا ته حضرت موسيٰ ۽ سندس قوم جي برائي ۽ نياڳ جي ڪري سڄي ملڪ تي مصيبتون اچن ٿيون) ائين هرگز ناهي. حقيقت هي آهي ته الله تعاليٰ جي نظر ۾ اهي ئي (يعني فرعون ۽ سندس قوم) نياڳا ۽ نحس هئا، پر انهن مان گهڻن کي (ها حقيقت) معلوم نه هئي (ته ظالم منحوس آهن، نه مظلوم).

وَقَالُوْا مَهْمَا تَاْتِنَا بِهٖ مِنْ اٰيَةٍ لِّتَسْحَرَنَا
بِهَا ۙ فَمَا نَحْنُ لَكَ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٢﴾

(١٣٢) فرعون ۽ سندس ماڻهن (حضرت موسيٰ کي) چيو ته ڪهڙي به نشاني اسان ڏي آڻين جنهن سان اسان تي جادو ڪرين (يا اسان تي ڪا مصيبت آڻين) ته به اسان توتي ايمان ڪونه آڻينداسين.

فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الطُّوْفَانَ وَالْجَرَادَ وَالْقُمَّلَ
وَالضَّفَادِعَ وَالدَّمَ اٰيٰتٍ مُّفَصَّلٰتٍ ۫
فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿١٣٣﴾

(١٣٣) پوءِ اسان هنن تي طوفان (يا ٻوڏ) آندي ۽ ماڪڙ ۽ جونئان ۽ ڏيڏر ۽ رت. اهي سڀ جدا جدا چٽيون نشانيون هيون. تڏهن به هو تڪبر ڪندا رهيا ۽ هو گنهگار ماڻهو هئا.

وَلَمَّا وَقَعَ عَلَيْهِمُ الرِّجْزُ قَالُوْا يٰمُوْسَى
ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ عِنْدَكَ ۚ لَئِنْ
كَشَفْتَ عَنَّا الرِّجْزَ لَنُؤْمِنَنَّ لَكَ وَلَنُرْسِلَنَّ
مَعَكَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۚ﴿١٣٤﴾

(١٣٤) ۽ جڏهن جڏهن هنن تي ڪو عذاب ايندو هو تڏهن تڏهن چوندا هئا ته، اي موسيٰ! جهڙيءَ طرح تنهنجي پروردگار توسان عهد ڪيو آهي، تهڙيءَ طرح اسان جي لاءِ ڪانئس دعا گهر. پوءِ جيڪڏهن اسان تان هي عذاب ٽاريندين ته اسان ضرور توتي ايمان آڻينداسين ۽ توسان گڏ (وڃڻ لاءِ) بني اسرائيلن کي موڪلي ڏينداسين.

فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الرِّجْزَ اِلٰٓى اَجَلٍ هُمْ
بٰلِغُوْهُ اِذَا هُمْ يَنْكُثُوْنَ ﴿١٣٥﴾

(١٣٥) پوءِ جڏهن اسان هنن تان اهو عذاب مقرر مدي بعد، جنهن مدي کي هو پهچڻا هئا ٽاري ڇڏيو تڏهن هنن هڪدم بدعهدي ڪئي ۽ واعدو نه پاڙيو (يعني ايمان نه آندائون ۽ بني اسرائيل کي موڪل نه ڏنائون.)

فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَاَغْرَقْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ بِاَنَّهُمْ
كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٣٦﴾

(١٣٦) پوءِ (نيٺ) اسان کين (سندن ظلمن جو) بدلو ڏنو ۽ کين سمنڊ ۾ غرق ڪري ڇڏيو، ڇو ته هو اسان جي آيتن کي ڪوڙو ٺهرائيندا هئا، ۽ انهن کان غافل رهندا هئا (يعني انهن تي عمل نه ڪندا هئا).

وَاَوْرَثْنَا الْقَوْمَ الَّذِيْنَ كَانُوْا يُسْتَضْعَفُوْنَ
مَشَارِقَ الْاَرْضِ وَمَغَارِبَهَا الَّتِيْ بٰرَكْنَا
فِيْهَا ۭ وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ الْحُسْنٰى عَلٰي بَنِيْٓ
اِسْرَآءِيْلَ ۥ بِمَا صَبَرُوْا ۭ وَدَمَّرْنَا مَا كَانَ
يَصْنَعُ فِرْعَوْنُ وَقَوْمُهٗ وَمَا كَانُوْا
يَعْرِشُوْنَ ﴿١٣٧﴾

(١٣٧) ۽ (پوءِ) اسان انهن ماڻهن (بني اسرائيلن) کي جي (مصر ۾) ڪمزور سمجهيا ويندا هئا انهيءَ ملڪ جي مشرق ۽ مغرب جو وارث ڪيو (يعني بادشاهي ڏني) جنهن ملڪ تي اسان نعمتون ۽ برڪتون ڪيون (يعني فلسطين جو ملڪ) ۽ تنهنجي پروردگار جو نيڪ واعدو بني اسرائيلن جي حق ۾ پورو ٿي ويو، هن ڪري جو هنن (ان زماني ۾ مصيبتن تي) صبر ڪيو ۽ (حق جي راهه تي) ثابت قدم رهيا. (پر جن ظالمن مٿن ظلمن ڪيو هو تن جو حال اهو ٿيو جو) جيڪي وڏا ڪاريگريءَ جا ڪم ۽ محلاتون فرعون ۽ سندس ماڻهن ٺاهيون هيون تن کي اسان برباد ڪري ڇڏيو.

وَجٰوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْبَحْرَ فَاَتَوْا عَلٰى قَوْمٍ يَّعْكُفُوْنَ عَلٰٓى اَصْنَامٍ لَّهُمْ ۚ قَالُوْا يٰمُوْسَى اجْعَلْ لَّنَآ اِلٰهًا كَمَا لَهُمْ اٰلِهَةٌ ۭ قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُوْنَ ﴿۱۳۸﴾

(١٣٨) ۽ اسان جڏهن بني اسرائيلن کي (مصر منجهان ڪڍي) سمنڊ جي پار پهچايو تڏهن هو هڪ اهڙي قوم جي ماڻهن مان لنگهيا جي پنهنجي بتن جي پوڄا ڪندا هئا. (هي ڏسي بني اسرائيلن حضرت موسىٰ کي) چيو ته، اي موسىٰ اسان کي به هڪ معبود (بت) ٺاهي ڏي. جهڙا هنن ماڻهن جا معبود آهن. حضرت موسىٰ فرمايو ته توهان يقيناً سخت جاهل ماڻهو آهيو.

اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ مُتَبَّرٌ مَّا هُمْ فِيْهِ وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۳۹﴾

(١٣٩) جنهن دين ۾ هي ماڻهو آهن سو (مصري ماڻهن جي دين جو) پڪل برباد ٿيل ٽڪرو آهي (۽ جلد فنا ٿي ويندو) ۽ اهي ماڻهو جيڪي عمل (۽ عبادتون) ڪن ٿا سي باطل آهن (يعني بلڪل بيڪار ۽ بي بقا آهن).

قَالَ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْكُمْ اِلٰهًا وَّهُوَ فَضَّلَكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۴۰﴾

(١٤٠) (حضرت موسىٰ وڌيڪ) فرمايو ته (اي بني اسرائيلؤ! افسوس اوهان جي عقل تي) مان سچي الله کي ڇڏي اوهان جي لاءِ ڪو ٻيو معبود ڳوليان ڇا؟ ۽ (توهان ايترو به خيال نٿا ڪريو ته) الله تعالىٰ ئي اوهان کي ٻين قومن تي فضيلت ڏني آهي (۽ اوهان تي بخششون ۽ نعمتون ڪيون اٿس، پوءِ ڇو ٿا ٻين ديوتائن جي ڳولا ڪيو).

وَاِذْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ ۚ يُقَتِّلُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ۭ وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿۱۴۱﴾

(١٤١) ۽ (اسان جي هيءَ نعمت به) ياد رکو ته اسان اوهان کي فرعون جي ماڻهن کان ڇڏائي آزاد ڪيو. جي اوهان کي سخت ايذاءُ ۽ تڪليفون ڏيندا هئا ۽ اوهان جي پٽن کي قتل ڪندا هئا ۽ اوهان جي ڌيئرن کي جيئرو ڇڏيندا هئا، انهيءَ ۾ توهان جي رب جي طرف کان توهان جي لاءِ تمام وڏي آزمائش هئي. (ته ڪيتري قدر صبر کان ڪم ٿا وٺو ۽ آزاد ٿيڻ کان پوءِ ڪيئن ٿا خدا جي شڪر گذاري ۽ فرمانبرداري ڪيو).

رڪوع 17

**حضرت موسىٰ جو طورسينا جبل تي وڃڻ ۽ خدا سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ**

وَوٰعَدْنَا مُوْسٰى ثَلٰثِيْنَ لَيْلَةً وَّاَتْمَمْنٰهَا بِعَشْرٍ فَتَمَّ مِيْقَاتُ رَبِّهٖٓ اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ۚ وَقَالَ مُوْسٰى لِاَخِيْهِ هٰرُوْنَ اخْلُفْنِيْ فِيْ قَوْمِيْ وَاَصْلِحْ وَلَا تَتَّبِعْ سَبِيْلَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۱۴۲﴾

(١٤٢) ۽ (پوءِ) اسان حضرت موسىٰ جي لاءِ ٽيهه راتيون (پنهنجي ماڻهن کان الڳ ٿي وڃڻ لاءِ) مقرر ڪيون، ۽ پوءِ ڏهه راتيون وڌائي مدو پورو ڪيوسين. سو سندس پروردگار جو پورين چاليهن راتين جو مدو (وعدي موجب) پورو ڪيو ويو. (وڃڻ کان اڳي) حضرت موسىٰ پنهنجي ڀاءُ هارون کي چيو ته، (منهنجي غيرحاضريءَ ۾) منهنجي قوم ۾ منهنجو خليفو (يا نائب) ٿي رهجانءِ ۽ هنن جو سڌارو ڪندو رهجانءِ ۽ بگاڙو ۽ شرارت ڪندڙن جو رستو نه وٺجانءِ.

وَلَمَّا جَآءَ مُوْسٰى لِمِيْقَاتِنَا وَكَلَّمَهٗ رَبُّهٗ ۙ قَالَ رَبِّ اَرِنِيْٓ اَنْظُرْ اِلَيْكَ ۭ قَالَ لَنْ

(١٤٣) ۽ حضرت موسىٰ اسان جي مقرر ڪيل جاءِ تي آيو ۽ سندس پروردگار ساڻس ڳالهايو، تڏهن حضرت موسىٰ عرض ڪيو ته، اي منهنجا رب! تون مونکي پنهنجو پاڻ ڏيکار ته مان توکي هيڪر ڏسان. الله تعالىٰ

تَرٰىنِيْ وَلٰكِنِ انْظُرْ اِلَى الْجَبَلِ فَاِنِ اسْتَقَرَّ مَكَانَهٗ فَسَوْفَ تَرٰىنِيْ ۚ فَلَمَّا تَجَلّٰى رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا وَّخَرَّ مُوْسٰى صَعِقًا ۚ فَلَمَّآ اَفَاقَ قَالَ سُبْحٰنَكَ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٤٣﴾

فرمايو تہ تون مونکي هرگز ڏسي نہ سگهندين. پر هن جبل ڏي نظر ڪر. جيڪڏهن اهو جبل پنهنجي جاءِ تي قائم رهيو تہ تون بہ مون کي ڏسي وٺندين. پوءِ جڏهن سندس رب ان جبل تي پنهنجو تجلو ڪيو تڏهن ان کي خاڪ ڪري ڇڏيائين، ۽ حضرت موسيٰ بيهوش ٿي ڪري پيو. پوءِ جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن چيائين تہ اي خدا تون پاڪ آهين (جسم ڪان جنهن ڪري توکي ڪوبہ ڏسي نٿو سگهي) مان (پنهنجي ڪيل قصور ڪان توبه ڪري) توڏي موٽان ٿو ۽ مان ايمان آڻيندڙن ۾ اڳرو آهيان.

قَالَ يٰمُوْسٰٓى اِنِّي اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ بِرِسٰلٰتِيْ وَبِكَلَامِيْ ۖ فَخُذْ مَآ اٰتَيْتُكَ وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٤٤﴾

(١٤٤) الله تعاليٰ فرمايو تہ، اي موسيٰ بيشڪ مون توکي پنهنجي (پيغمبريءَ جي) پيغامن سان ۽ پنهنجي ڪلام سان (يعني توڏي وحي موڪلڻ سان ۽ توسان گفتگو ڪرڻ سان) ماڻهن جي مٿان برگزيدگي (يعني بهتري ۽ وڏو درجو) بخشيو آهي. پوءِ جيڪي (شريعت جا حڪم) توکي ڏنا ويا آهن سي وٺ ۽ شڪر بجا آڻ. (يعني پاڻ بہ انهن تي عمل ڪر ۽ ٻين کي بہ ٻڌاءِ).

وَكَتَبْنَا لَهٗ فِي الْاَلْوَاحِ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْعِظَةً وَّتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَيْءٍ ۚ فَخُذْهَا بِقُوَّةٍ وَّاْمُرْ قَوْمَكَ يَاْخُذُوْا بِاَحْسَنِهَا ۗ سَاُورِيْكُمْ دَارَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿١٤٥﴾

(١٤٥) ۽ اسان موسيٰ جي لاءِ فرحين ۾ هر قسم جون ڳالهيون لکي ڏنيون هيون، انهيءَ تي (دين جي) هرهڪ ڳالهه بابت انهن ۾ نصيحت هجي ۽ هرهڪ ڳالهه جدا جدا چٽي ٿي وڃي. پوءِ (اسان ڪيس ائين بہ چيو تہ) انهن کي مضبوطيءَ سان جهل ۽ پنهنجي قوم کي بہ حڪم ڏي تہ انهن جي بهترين حڪمن تي عمل ڪن. اهو وقت پري ناهي جڏهن اسان توکي نافرمان ماڻهن جي جاءِ ڏيکاري ڇڏيندا سين. (يعني تون ڏسندين تہ هنن جي حالت ڪهڙي نہ خراب ٿيندي).

سَاَصْرِفُ عَنْ اٰيٰتِيَ الَّذِيْنَ يَتَكَبَّرُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ۗ وَاِنْ يَّرَوْا كُلَّ اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا ۚ وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الرُّشْدِ لَا يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۚ وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الْغَيِّ يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۗ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٤٦﴾

(١٤٦) جيڪي ماڻهو حق ڪان سواءِ خدا جي زمين تي تڪبر جي روش اختيار ڪن ٿا تن جو منهن اسان پنهنجي نشانين ڪان موڙي ڇڏينداسين. هو ڪٽي سڀ نشانيون بہ ڏسن تہ بہ انهن تي ايمان نہ آڻيندا. جيڪڏهن هو هدايت واري سڌي واٽ ڪٽي ڏسن تہ بہ اها سڌي واٽ هرگز نہ وٺندا. پر جيڪڏهن گمراهيءَ واري ڦڏي واٽ سامهون ڏسندا تہ هڪدم ان تي هلڻ لڳندا. هنن جي اها حالت هن ڪري ٿي وڃي ٿي جو هو اسان جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرائين ٿا ۽ انهن (تي عمل ڪرڻ) ڪان غافل رهن ٿا.

وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَلِقَآءِ الْاٰخِرَةِ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ۗ هَلْ يُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٧﴾

(١٤٧) ۽ جن ماڻهن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ آخرت (جي اچڻ جي حقانيت) ڪان انڪار ڪيو تن جا سڀ عمل ضايع ٿي ويا. هنن کي جيڪو بدلو ملندو سو انهن (بد) عملن جو ڦل هوندو جي بدعمل هو دنيا ۾ ڪندا هئا.

## رکوع 18

**هتراد و گابي جي منهن مان رنڀان نڪرڻ ۽ بني اسرائيلن جو ان کي پوڄڻ**

وَاتَّخَذَ قَوْمُ مُوسٰى مِنْ بَعْدِهٖ مِنْ حُلِيِّهِمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ ۭ اَلَمْ يَرَوْا اَنَّهٗ لَا يُكَلِّمُهُمْ وَلَا يَهْدِيْهِمْ سَبِيْلًا ۘ اِتَّخَذُوْهُ وَكَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿١٤٨﴾

(١٤٨) ۽ (پوءِ ڇا ٿيو تہ) حضرت موسيٰ جي ماڻهن سندس وڃڻ بعد پنهنجي زيورن مان (پگهارڻ بعد) هڪڙي گابي جو ڍڙ ٺاهيو، جنهن مان ڳئون جي رنڀ جهڙو آواز ٿي نڪتو ۽ انهيءَ (گابي) کي (پوڄا لاءِ ديوتا ڪري) ورتائون. هنن (بيوقوفن) اهڙي (سولي) ڳالهہ بہ نہ سمجهي تہ اهو گابو نڪي ساڻن ڳالهائي ٿو سگهي، نڪي ڪو رهنمائي (واٽ ڏيکارڻ) ڪري ٿو سگهي. هنن ان گابي کي ديوتا ڪري ورتو هو ۽ هنن (پاڻ تي) ظلم ڪيو.

وَلَمَّا سُقِطَ فِيْٓ اَيْدِيْهِمْ وَرَاَوْا اَنَّهُمْ قَدْ ضَلُّوْا ۙ قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ يَرْحَمْنَا رَبُّنَا وَيَغْفِرْ لَنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿١٤٩﴾

(١٤٩) پوءِ جڏهن (هيئن ٿيو جو) پشيمانيءَ ۾ هٿ مهٽڻ لڳا ۽ ڏٺائون تہ (سچي) واٽ کان بلڪل پري نڪري گمراهہ ٿي ويا آهيون تڏهن چوڻ لڳا تہ جيڪڏهن اسان جو پروردگار اسان تي رحم نہ ڪري ها ۽ نہ بخشي ها تہ اسان ضرور تباهہ ٿي وڃون ها.

وَلَمَّا رَجَعَ مُوْسٰٓى اِلٰى قَوْمِهٖ غَضْبَانَ اَسِفًا ۙ قَالَ بِئْسَمَا خَلَفْتُمُوْنِيْ مِنْۢ بَعْدِيْ ۚ اَعَجِلْتُمْ اَمْرَ رَبِّكُمْ ۚ وَاَلْقَى الْاَلْوَاحَ وَاَخَذَ بِرَاْسِ اَخِيْهِ يَجُرُّهٗٓ اِلَيْهِ ۭ قَالَ ابْنَ اُمَّ اِنَّ الْقَوْمَ اسْتَضْعَفُوْنِيْ وَكَادُوْا يَقْتُلُوْنَنِيْ ڮ فَلَا تُشْمِتْ بِيَ الْاَعْدَاۗءَ وَلَا تَجْعَلْنِيْ مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٥٠﴾

(١٥٠) ۽ جڏهن موسيٰ ڪاوڙ ۽ افسوس ڪندي پنهنجي ماڻهن وٽ موٽي آيو تڏهن ڪين چيائين تہ افسوس آهي اوهان تي! توهان مون کان پوءِ ڪهڙي نہ خراب طريقي سان منهنجي جانشيني ڪئي! توهان پنهنجي پروردگار جي حڪم جي انتظار ۾ ذرو بہ صبر ڪري نہ سگهيؤ! (جوش ۾ اچي) هن تختيون ڪٽي ڦٽي ڪيون ۽ پنهنجي ڀاءُ هارون کي مٿي جي وارن کان جهلي پاڻ ڏي ڇڪڻ لڳو. (تنهن تي) هارون چيو تہ اي منهنجا مائيتا ڀاءُ! (مان ڇا ڪيان) ماڻهن مون کي ڪمزور سمجهيو ۽ مون کي قتل ڪرڻ تي هئا، پوءِ مون سان اهڙي هلت نہ ڪر جو دشمن مون تي کلن ۽ مون کي هنن ظالم ماڻهن ۾ شمار نہ ڪر.

قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَلِاَخِيْ وَاَدْخِلْنَا فِيْ رَحْمَتِكَ ڮ وَاَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿١٥١﴾

(١٥١) حضرت موسيٰ (پوءِ) دعا گهري تہ اي منهنجا پروردگار! منهنجو قصور بخشي ڇڏ (جو مان جوش ۾ اچي تڪڙ ڪئي) ۽ منهنجي ڀاءُ جو قصور بہ معاف ڪر (جو گمراهن کي سختيءَ سان روڪي نہ سگهيو) ۽ اسان کي پنهنجي رحمت (جي ڇانو) ۾ داخل ڪر ۽ تون سڀني رحم ڪندڙن کان وڌيڪ رحم وارو آهين.

## رکوع 19

**هتراد و گابي جي پوڄا ڪندڙن تي غضب ۽ دنيا ۾ ذلت ۽ خواري، توبهہ ڪندڙن لاءِ بخشش ۽ رحمت**

اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ سَيَنَالُهُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَذِلَّةٌ فِي الْحَيٰوةِ

(١٥٢) (الله تعاليٰ فرمايو تہ) جن ماڻهن گابي جي پوڄا ڪئي انهن تي سندن پروردگار جو غضب اچي ڪڙڪندو، ۽ دنيا جي زندگيءَ ۾ بہ ذلت

الدُّنۡيَا ؕ وَ كَذٰلِكَ نَجۡزِى الۡمُفۡتَرِيۡنَ ﴿۱۵۲﴾

۽ خواري ڏسندا. اسان ڪوڙن گهڙيندڙن کي (سندن بدعمليءَ جو) بدلو اهڙيءَ طرح ڏيندا آهيون.

وَالَّذِيۡنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ ثُمَّ تَابُوۡا مِنۡۢ بَعۡدِهَا وَ اٰمَنُوۡۤا اِنَّ رَبَّكَ مِنۡۢ بَعۡدِهَا لَغَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۱۵۳﴾

(١٥٣) پر جن ماڻهن براين ڪرڻ بعد توبهه ڪئي ۽ ايمان آندو (تن جي لاءِ) بيشڪ تنهنجو پروردگار سندن توبهه بعد بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

وَ لَمَّا سَكَتَ عَنۡ مُّوۡسَى الۡغَضَبُ اَخَذَ الۡاَلۡوَاحَ ۖۚ وَ فِىۡ نُسۡخَتِهَا هُدًى وَّ رَحۡمَةٌ لِّلَّذِيۡنَ هُمۡ لِرَبِّهِمۡ يَرۡهَبُوۡنَ ﴿۱۵۴﴾

(١٥٤) ۽ جڏهن حضرت موسيٰ جو غصو لهي ويو تڏهن هن فرحيون کڻي ورتيون انهن ۾ جيڪي (حڪم) لکيل هئا سي انهن ماڻهن لاءِ هدايت ۽ رحمت هئا جي پنهنجي پروردگار جو خوف رکندا هئا.

وَاخۡتَارَ مُوۡسٰى قَوۡمَهٗ سَبۡعِيۡنَ رَجُلًا لِّمِيۡقَاتِنَا ۚ فَلَمَّاۤ اَخَذَتۡهُمُ الرَّجۡفَةُ قَالَ رَبِّ لَوۡ شِئۡتَ اَهۡلَكۡتَهُمۡ مِّنۡ قَبۡلُ وَ اِيَّاىَ ؕ اَتُهۡلِكُنَا بِمَا فَعَلَ السُّفَهَآءُ مِنَّا ۚ اِنۡ هِىَ اِلَّا فِتۡنَتُكَ ؕ تُضِلُّ بِهَا مَنۡ تَشَآءُ وَ تَهۡدِىۡ مَنۡ تَشَآءُ ؕ اَنۡتَ وَلِيُّنَا فَاغۡفِرۡ لَنَا وَارۡحَمۡنَا وَ اَنۡتَ خَيۡرُ الۡغٰفِرِيۡنَ ﴿۱۵۵﴾

(١٥٥) اسان جي نهرايل وقت ۽ جاءِ تي حاضر ٿيڻ لاءِ موسيٰ پوءِ پنهنجي قوم مان ستر ماڻهو چونڊي ڪنيا (اهي اتي آيا) پوءِ جڏهن ڏڪائيندڙ مصيبت انهن کي اچي جهليو تڏهن حضرت موسيٰ (اسان جي درگاه ۾) عرض ڪيو تہ، اي پروردگار! جيڪڏهن تون چاهين ها تہ هنن سيني کي اڳيئي تباه ڪري ڇڏين ها ۽ خود منهنجي زندگي بہ ختم ڪري ڇڏين ها (پر تو پنهنجي فضل ۽ رحمت سان اسان کي مهلت ڏني) پوءِ هڪ اهڙي ڳالھ لاءِ جا اسان مان ڪي بي وقوف ڪري ويٺا آهن، تون اسان سيني کي تباهہ ڪندين ڇا؟ هي هن ڪان سواءِ ڪجھ ناهي تہ تنهنجي طرف کان هڪ آزمائش آهي. تون جنهن کي چاهين تنهن کي ان (آزمائش) ۾ گمراھ ڪري ڇڏين ۽ جنهن کي چاهين تنهن کي سچي راھ ڏيکاري ڇڏين، اي خدا تون ئي اسان جو والي آهين، اسان کي بخشي ڇڏ ۽ اسان تي رحمت ڪر تو کان بهتر بخشڻ وارو ٻيو ڪوبہ ڪونهي.

وَاكۡتُبۡ لَنَا فِىۡ هٰذِهِ الدُّنۡيَا حَسَنَةً وَّ فِى الۡاٰخِرَةِ اِنَّا هُدۡنَاۤ اِلَيۡكَ ؕ قَالَ عَذَابِىۡۤ اُصِيۡبُ بِهٖ مَنۡ اَشَآءُ ۚ وَ رَحۡمَتِىۡ وَسِعَتۡ كُلَّ شَىۡءٍ ؕ فَسَاَكۡتُبُهَا لِلَّذِيۡنَ يَتَّقُوۡنَ وَ يُؤۡتُوۡنَ الزَّكٰوةَ وَالَّذِيۡنَ هُمۡ بِاٰيٰتِنَا يُؤۡمِنُوۡنَ ۚ ﴿۱۵۶﴾

(١٥٦) ۽ (اي خدا) هن دنيا جي زندگيءَ ۾ بہ اسان جي لاءِ چڱائي لکي ڇڏ ۽ آخرت جي زندگيءَ ۾ بہ (اسان جي لاءِ چڱائي ڪر.) اسان توڏي موٽي آيا آهيون (يعني اڳين گناهن کان باز اچي تنهنجي حڪمن تي هلڻ لاءِ تيار آهيون). الله تعاليٰ فرمايو تہ منهنجي عذاب جو حال هي آهي تہ جنهن کي چاهيان تنهن کي (سندس بدعملن جي بدلي ۾) ڏيان، پر منهنجي رحمت جو حال هي آهي جو هرهڪ شيءِ تي ڇانيل آهي، پوءِ مان انهن ماڻهن جي لاءِ رحمت لکي ڇڏيندس جيڪي گناهن کان پرهيز ڪندا ۽ زڪوات ڏيندا رهندا ۽ انهن جي لاءِ بہ جيڪي اسان جي نشانين (۽ حڪمن) تي ايمان آڻيندا.

اَلَّذِيۡنَ يَتَّبِعُوۡنَ الرَّسُوۡلَ النَّبِىَّ الۡاُمِّىَّ الَّذِىۡ يَجِدُوۡنَهٗ مَكۡتُوۡبًا عِنۡدَهُمۡ فِى التَّوۡرٰٮةِ وَالۡاِنۡجِيۡلِ يَاۡمُرُهُمۡ

(١٥٧) جيڪي ماڻهو حضرت رسول (عليہ الصلوات والسلام) جي پيروي ۽ تابعداري ڪندا جو هڪ امي (ظاهري طرح اڻ پڙهيل) نبي هوندو ۽ جنهن جي ظهور جي خبر (اهل ڪتاب) پاڻ وٽ رکيل تورات ۽ انجيل ۾ لکيل

بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهٰىهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ وَيَضَعُ عَنْهُمْ اِصْرَهُمْ وَالْاَغْلٰلَ الَّتِيْ كَانَتْ عَلَيْهِمْ ۭ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٥٧﴾

ڏسندا تن (پيروي ڪندڙن) کي اهو نبي نيڪيءَ جو حڪم ڏيندو، برائيءَ کان روڪيندو، وڻندڙ شيون حلال ڪندو، غليظ شيون حرام ٺهرائيندو. انهيءَ بار کان ڇوٽڪارو ڏيندو جنهن جي هيٺان دٻيل آهن ۽ انهن ڦندن (سرڪڻ ڦاهين) مان ڪيندو جن ۾ هو ڦاٿل هوندا. تنهن ڪري جيڪي به ماڻهو مٿس ايمان آڻيندا، سندس مخالفن کي روڪيندا، (حق جي راهه ۾) سندس مدد ڪندا ۽ انهيءَ نور ۽ (روشنائي) جي پنيان لڳندا جو هن سان گڏ موڪليل آهي اهي ئي ماڻهو ڪاميابي حاصل ڪرڻ وارا آهن. (هو دنيا ۾ به خوش آسودا ۽ طاقت وارا رهندا ۽ آخرت ۾ به جنت جا حقدار ٺهندا).

## رڪوع 20

**رسول ڪريم جن سيني انسانن لاءِ پيغمبر ٿي آيا، اسلام جي دعوت اها آهي ته سڀ انسان هڪ الله جي اڳيان جهڪي وڃن**

قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّىْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعَا ۨ الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُـحْيٖ وَيُمِيْتُ ۠ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الَّذِيْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَكَلِمٰتِهٖ وَاتَّبِعُوْهُ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥٨﴾

(١٥٨)(اي پيغمبر تون ماڻهن کي) چئو ته اي انسانو! مان توهان سيني ڏانهن الله جو موڪليل پيغمبر ٿي آيو آهيان. اهو الله جنهن کي آسمانن ۽ زمين جي سڄي بادشاهي آهي. سندس ذات کان سواءِ ڪو به معبود ڪونهي (جنهن جي ٻانهپ ڪجي) اهوئي جيئاري ٿو ۽ اهو ئي ماري ٿو. پوءِ توهان الله ۾ ايمان رکو ۽ سندس رسول امي نبي تي به ايمان آڻيو. (يعني حضرت محمد ﷺ تي) جنهن الله تي به ايمان آندو آهي ۽ سندس ڪلمات (يعني سندس سيني ڪتابن) تي به ايمان آندو آهي. ( اي انسانو! توهان) سندس پيروي ڪيو ته (ڪاميابيءَ جي) راهه توهان جي لاءِ کلي پوي.

وَمِنْ قَوْمِ مُوْسٰٓى اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿١٥٩﴾

(١٥٩) ۽ موسيٰ جي قوم ۾ هڪ ٽولو (بيشڪ) اهڙو آهي جيڪو ماڻهن کي سچائيءَ جي راهه تي هلائي ٿو ۽ سچائي سان (سندس معاملن ۾) انصاف به ڪري ٿو.

وَقَطَّعْنٰهُمُ اثْنَتَيْ عَشْرَةَ اَسْبَاطًا اُمَمًا ۭ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اِذِ اسْتَسْقٰىهُ قَوْمُهٗٓ اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ ۚ فَانْۢبَجَسَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا ۭ قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ مَّشْرَبَهُمْ ۭ وَظَلَّلْنَا عَلَيْهِمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا عَلَيْهِمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ۭ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ۭ وَمَا ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿١٦٠﴾

(١٦٠) ۽ اسان بني اسرائيلن کي ٻارهن خاندانن جي ٻارهن قبيلن ۾ ورهائي ڇڏيو، ۽ جڏهن انهن ماڻهن حضرت موسيٰ کان پيئڻ لاءِ پاڻي گهريو تڏهن اسان ڪيس وحي ڪيو ته پنهنجي لٺ سان هن ٽڪريءَ کي ڌڪ هڻ. (ڌڪ هڻڻ سان) ٻارهن چشما ڦٽي نڪتا، ۽ هرهڪ قبيلي پنهنجي پنهنجي جڳهه پاڻيءَ جي معلوم ڪري ورتي ۽ اسان بني اسرائيلن تي ڪڪر جي ڇانو ڪئي هئي، ۽ (هنن جي کائڻ لاءِ) "من" ۽ "سلويٰ" نازل ڪيا هئا. اسان ڪين چيو هو ته، هيءَ وڻندڙ غذا کائو جا اسان عطا ڪئي آهي (۽ فتنن ۽ فسادن ۾ نه پئو. پر هنن نافرمانيون ڪيون) هنن اسان جو ته ڪجهه به نه بگاڙيو پر پاڻ پنهنجي هٿن سان پنهنجو ئي نقصان ڪندا رهيا.

وَ اِذْ قِيْلَ لَهُمُ اسْكُنُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ وَ كُلُوْا
مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ وَ قُوْلُوْا حِطَّةٌ وَّادْخُلُوا
الْبَابَ سُجَّدًا نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطِيْٓـٰٔتِكُمْ ؕ
سَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٦١﴾

(١٦١) ۽ پوءِ (اهو واقعو ياد ڪريو) جو اسان بني اسرائيلن کي حڪم ڏنو هو ته هن شهر ۾ وڃي رهو (جنهن کي فتح ڪرڻ جي اوهان کي توفيق ملي آهي) ۽ (هي ڏاڍو وسندڙ ملڪ آهي) جتان اوهان کي وڻي اتان غذا حاصل ڪيو ۽ ”حطة“ چوندا رهو (يعني چئو ته اي خدا اسان کي گناهن کان پاڪ ڪري ڇڏ) ۽ جڏهن ان جي دروازي مان اندر داخل ٿيو تڏهن (الله پاڪ جي حضور ۾) جهڪندي داخل ٿجو. اسان توهان جون خطائون بخشي ڇڏينداسين ۽ نيڪ عمل ڪندڙن کي (ان کان به) وڌيڪ اجر ڏينداسين.

فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ
قِيْلَ لَهُمْ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ
بِمَا كَانُوْا يَظْلِمُوْنَ ﴿١٦٢﴾ ع

(١٦٢) پر (پوءِ ڇا ٿيو جو) انهن مان جن ماڻهن ظلم ۽ فساد جي راهه اختيار ڪئي تن خدا جي ٻڌايل ڳالهه بدلائي ٻي ڳالهه بنائي، (يعني خدا جي حڪمن جي ابتڙ عمل ڪيائون) پوءِ اسان هنن تي آسمان مان عذاب موڪليو، انهن ظلمن سببان جي هو ڪندا ٿي رهيا.

## رڪوع 21

**ڪنهن به قوم تي ظالم حڪمرانن جو ضابطو رهڻ به خدا جو عذاب آهي**

وَسْـَٔلْهُمْ عَنِ الْقَرْيَةِ الَّتِيْ كَانَتْ حَاضِرَةَ
الْبَحْرِ ۘ اِذْ يَعْدُوْنَ فِي السَّبْتِ اِذْ تَاْتِيْهِمْ
حِيْتَانُهُمْ يَوْمَ سَبْتِهِمْ شُرَّعًا وَّ يَوْمَ لَا
يَسْبِتُوْنَ ۙ لَا تَاْتِيْهِمْ ۛ كَذٰلِكَ ۛ نَبْلُوْهُمْ
بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٣﴾

(١٦٣) ۽ (اي پيغمبر) بني اسرائيلن کان انهيءَ شهر بابت پڇا ڪر جو سمنڊ جي ڪناري تي هوندو هو، جتي ماڻهو سبت جي ڏينهن خدا جي ٺهرايل حد کان ٻاهر ويندا هئا. سبت جي ڏينهن هنن جون (گهربل) مڇيون پاڻيءَ تي ترنديون هنن ڏي اچي ويندي‍ون هيون. پر جنهن ڏينهن سبت نه ملهائيندا هئا تنهن ڏينهن نه ايندي‍ون هيون. اهڙيءَ طرح اسان کين آزمائش ۾ وجهندا هئاسين هن ڪري جو هو نافرماني ڪندا هئا.

وَ اِذْ قَالَتْ اُمَّةٌ مِّنْهُمْ لِمَ تَعِظُوْنَ قَوْمَا ۙ
ۨ اللّٰهُ مُهْلِكُهُمْ اَوْ مُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا
شَدِيْدًا ؕ قَالُوْا مَعْذِرَةً اِلٰى رَبِّكُمْ وَ
لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿١٦٤﴾

(١٦٤) ۽ جڏهن ان شهر جي رهاڪن مان هڪ ٽوليءَ (واعظ نصيحت ڪرڻ وارن کي) چيو ته، توهان ڇو ٿا (اجايو) اهڙن ماڻهن کي نصيحت ڪيو جن کي (سندن گناهن سبب) يا ته خدا (دنيا ۾ ئي) تباهه ڪندو يا ته (آخرت ۾) نهايت سخت عذابن ۾ مبتلا ڪندو. تڏهن انهن جواب ۾ چيو ته، اسان هن لاءِ ٿا واعظ ڪيون ته پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ عذر پيش ڪري سگهون (ته اسان پنهنجو فرض ادا ڪيو) ۽ هن لاءِ به ته شايد (ڪي) ماڻهو باز اچي وڃن.

فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖٓ اَنْجَيْنَا الَّذِيْنَ
يَنْهَوْنَ عَنِ السُّوْٓءِ وَ اَخَذْنَا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا
بِعَذَابٍۢ بَـِٔيْسٍۢ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٥﴾

(١٦٥) پوءِ جڏهن (هيئن ٿيو جو انهن) ماڻهن اُهي سڀ نصيحتون وساري ڇڏيون جي انهن کي ڪيون ويون هيون تڏهن (اسان جي جزا ۽ سزا جو ظهور ٿيو) اسان انهن ماڻهن کي ته بچائي ورتو جي برائي کان روڪيندا هئا مگر شرارتون ڪندڙ ظالمن کي هڪ اهڙي عذاب ۾ وڌوسين جو محرومي ۽ نامرادي ۾ مبتلا ڪرڻ وارو عذاب هو، انهن نافرمانين سبب جي هو ڪندا هئا.

فَلَمَّا عَتَوْا عَنْ مَّا نُهُوْا عَنْهُ قُلْنَا لَهُمْ
كُوْنُوْا قِرَدَةً خٰسِـِٕيْنَ ﴿١٦٦﴾

(١٦٦) پوءِ جڏهن (اها سزا بہ هنن کي سبق سيکاري نہ سگهي ۽) هو
انهيءَ ڳالهہ ۾ حد کان زياده سرڪش ٿي ويا جنهن کان انهن کي منع
ڪئي ويئي هئي، تڏهن اسان چيو تہ باندر ٿي پئو، ذليل ۽ خوار.

وَاِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكَ لَيَبْعَثَنَّ عَلَيْهِمْ اِلٰى يَوْمِ
الْقِيٰمَةِ مَنْ يَّسُوْمُهُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ ۭ اِنَّ
رَبَّكَ لَسَرِيْعُ الْعِقَابِ ښ وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿١٦٧﴾

(١٦٧) ۽ (اي پيغمبر) جڏهن (هيئن ٿيو جو) تنهنجي پروردگار هن ڳالهہ
جو اعلان ڪيو هو تہ (جيڪڏهن بني اسرائيل شرارتن ۽ بدعمليءَ کان باز
نہ آيا تہ) هو قيامت جي ڏينهن تائين انهن تي اهڙن ماڻهن کي غالب ۽
حاڪم ڪندو جي ڪين ذليل ڪرڻ واري عذاب ۾ مبتلا ڪندا. حقيقت
هيءَ آهي تہ تنهنجو پروردگار (بدعمليءَ جي) سزا ڏيڻ ۾ دير ڪرڻ وارو
ناهي، بيشڪ هو ان سان گڏ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ بہ آهي.

وَقَطَّعْنٰهُمْ فِي الْاَرْضِ اُمَمًا ۚ مِنْهُمُ
الصّٰلِحُوْنَ وَمِنْهُمْ دُوْنَ ذٰلِكَ ۡ وَبَلَوْنٰهُمْ
بِالْحَسَنٰتِ وَالسَّيِّاٰتِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿١٦٨﴾

(١٦٨) ۽ اسان هنن کي جدا جدا ٽوليون ڪري زمين تي پکيڙي ڇڏيو.
ڪي انهن ۾ نيڪ هئا، ۽ ڪي انهن ۾ ان جي ابتڙ هئا (يعني نيڪ نہ هئا،
بدعمل هئا) ۽ اسان هنن کي چڱين توڙي خراب حالتن ۾ وجهي آزمايو،
انهيءَ لاءِ تہ (بدعملين کان) باز اچن.

فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ وَّرِثُوا الْكِتٰبَ
يَاْخُذُوْنَ عَرَضَ هٰذَا الْاَدْنٰى وَ
يَقُوْلُوْنَ سَيُغْفَرُ لَنَا ۚ وَاِنْ يَّاْتِهِمْ عَرَضٌ
مِّثْلُهٗ يَاْخُذُوْهُ ۭ اَلَمْ يُؤْخَذْ عَلَيْهِمْ
مِّيْثَاقُ الْكِتٰبِ اَنْ لَّا يَقُوْلُوْا عَلَي اللّٰهِ اِلَّا
الْحَقَّ وَدَرَسُوْا مَا فِيْهِ ۭ وَالدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ
لِّلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٦٩﴾

(١٦٩) پوءِ انهن ماڻهن بعد، ناخلفن (يعني نيڪ ابن ڏاڏن جي روش ڦٽي
ڪندڙن) هنن جي جاءِ ورتي ۽ خدائي ڪتاب جا وارث ٿيا. هو (دين
فروشي ڪري) هن حقير دنيا جو مال متاع (بي ڌڙڪ) وٺن ٿا ۽ چون ٿا تہ
انهيءَ جي اسان کي معافي ملندي ۽ جيڪڏهن (ٻئي ڪنهن جو) ڪو مال
متاع هنن کي اهڙيءَ طرح هٿ اچي وڃي ٿو تہ اهي بہ بي ڌڙڪ وٺن ٿا. ڇا
انهن کان (سندن) ڪتاب ۾ عهد نہ ورتو ويو هو تہ خدا جي نالي سان ڪابہ
ڳالهہ منسوب نہ ڪن، سواءِ ان جي جا حق هجي؟ ۽ ڇا جيڪو حڪم
(سندن) ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي سو ڪونہ پڙهيو اٿن؟ جيڪي متقي
(پرهيزگار) آهن، تن جي لاءِ آخرت جو گهر (دنيا ۽ دنيا جي خواهش
ڪان) گهڻو بهتر آهي. (اي يهودين جا عالمو!) ڇا اهڙي (سولي) ڳالهہ بہ
توهان سمجهي نٿا سگهو؟

وَالَّذِيْنَ يُمَسِّكُوْنَ بِالْكِتٰبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ۭ
اِنَّا لَا نُضِيْعُ اَجْرَ الْمُصْلِحِيْنَ ﴿١٧٠﴾

(١٧٠) ۽ (بني اسرائيلن مان) جيڪي ماڻهو الله جي ڪتاب کي مضبوط
جهلين ٿا (يعني ان تي عمل ڪن ٿا ۽ ان جي حڪمن تي هلن ٿا) ۽ نماز تي
قائم رهن ٿا (تن جي لاءِ ڪوبہ ڪٽڪو ڪونهي) اسان ڪڏهن بہ سنوارڻ
وارن (نيڪ عمل ڪندڙن) جو اجر ضايع نٿا ڪريون.

وَاِذْ نَتَقْنَا الْجَبَلَ فَوْقَهُمْ كَاَنَّهٗ ظُلَّةٌ وَّ
ظَنُّوْٓا اَنَّهٗ وَاقِعٌۢ بِهِمْ ۚ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ

(١٧١) ۽ جڏهن (هيئن ٿيو جو) اسان هنن جي مٿان جبل کي زلزلي ۾ وڌو
هو، ڄڻ تہ هڪ شاميانو هو (جو لڏي رهيو هو) ۽ هو (هراس ۾) سمجهي
رهيا هئا تہ اجهو ٿو مٿن ڪري پوي. تڏهن اسان هنن کي حڪم ڏنو هو تہ

بِقُوَّةٍ وَّاذْكُرُوْا مَا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٧١﴾

هي ڪتاب جو اسان اوهان کي ڏنو آهي، تنهن کي مضبوط جهليو (ان تي عمل ڪيو) ۽ جيڪي به ان ۾ ٻڌايو ويو آهي، ان کي چڱيءَ طرح ياد رکو، انهيءَ لاءِ ته توهان براين کان بچو.

## رڪوع 22

### خدا جي هستيءَ جو اعتقاد انسانن جي فطرت ۾ رکيل آهي.

وَاِذْ اَخَذَ رَبُّكَ مِنْۢ بَنِيْٓ اٰدَمَ مِنْ ظُهُوْرِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَاَشْهَدَهُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ۭ قَالُوْا بَلٰي ۚ شَهِدْنَا ۚ اَنْ تَقُوْلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اِنَّا كُنَّا عَنْ هٰذَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٧٢﴾

(١٧٢) ۽ (اي پيغمبر! اهو وقت به ماڻهن کي ياد ڏيار) جڏهن تنهنجي پروردگار بني آدم کان يعني انهيءَ اولاد کان جي سندن جسم مان (پشت به پشت) پيدا ٿيڻ وارا هئا، عهد ورتو هو ۽ انهن کي (يعني انهن مان هرهڪ کي سندس فطرت ۾) خود هن ڳالهه تي شاهد ڪيو هو، (خدا پڇيو ته) ”ڇا مان توهان جو پروردگار نه آهيان؟“ سڀني (انسانن) جواب ڏنو هو ته، ”هائو، تون ئي اسان جو پروردگار آهين. اسان ان ڳالهه جي شاهدي ڏني.“ ۽ اهو ڪم (عيني انسان جي فطرت ۾ حق جي قبوليت رکڻ) اسان هن لاءِ ڪيو هو ته ائين نه ٿئي جو اوهان (انسان) قيامت جي ڏينهن عذر ڏيئي سگهو ته اسان هن ڳالهه کان بي خبر هئاسين.

اَوْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اَشْرَكَ اٰبَاۗؤُنَا مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا ذُرِّيَّةً مِّنْۢ بَعْدِهِمْ ۚ اَفَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿١٧٣﴾

(١٧٣) يا هيئن چئو ته، (اي خدا!) شرڪ ته اسان کان اڳي اسان جي ابن ڏاڏن ڪيو اسان هنن جي نسل مان پوءِ پيدا ٿياسين (۽ لاچار سندن راهه تي قدم ڪنيوسين). پوءِ ڇا تون اسان کي هن ڳالهه تي تباهه ڪندين جا (اسان کان اڳي) غلط راهه تي هلڻ وارن ٿاهي هئي؟

وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَلَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿١٧٤﴾

(١٧٤) ۽ (ڏسو) اهڙيءَ طرح اسان سچائيءَ جون نشانيون جدا جدا ڪري چٽيون ڪري ٻڌايون ٿا، انهيءَ لاءِ ته ماڻهو (حق جي طرف) موٽي اچن.

وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ الَّذِيْٓ اٰتَيْنٰهُ اٰيٰتِنَا فَانْسَلَخَ مِنْهَا فَاَتْبَعَهُ الشَّيْطٰنُ فَكَانَ مِنَ الْغٰوِيْنَ ﴿١٧٥﴾

(١٧٥) ۽ (اي پيغمبر) انهن ماڻهن کي انهي ماڻهو جو حال پڙهي ٻڌاءِ جنهن کي اسان پنهنجون نشانيون ڏنيون هيون (يعني سمجهه ڏني هئي، پر) پوءِ (ڇا ٿيو جو هن سمجهه ۽ عقل جو) جامون لاهي ڇڏيو. پوءِ شيطان هن جي پٺيان پيو نتيجو هي نڪتو جو هو گمراهن منجهان ٿي پيو.

وَلَوْ شِئْنَا لَرَفَعْنٰهُ بِهَا وَلٰكِنَّهٗٓ اَخْلَدَ اِلَى الْاَرْضِ وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ ۚ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ الْكَلْبِ ۚ اِنْ تَحْمِلْ عَلَيْهِ يَلْهَثْ اَوْ تَتْرُكْهُ يَلْهَثْ ۭ ذٰلِكَ مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاقْصُصِ الْقَصَصَ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿١٧٦﴾

(١٧٦) ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ها ته انهن نشانين جي وسيلي سندس درجو بلند ڪيون ها. پر هو (پاڻ) زمين جي طرف پستيءَ ڏانهن جهڪي پيو ۽ نفساني حرصن جي پيروي ڪيائين. هن جو مثال ڪتي وانگر ٿيو. ڪتي تي ڪاهه ڪيو ته به هو ڀؤنڪندو ۽ زبان ٻاهر ڪيندو ۽ ڪيس ڇڏي ڏيو ته به ائين ئي ڪندو رهندو. اهڙوئي مثال انهن ماڻهن جو آهي جن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرايو تنهن ڪري (اي پيغمبر) هي ڳالهيون ماڻهن کي ٻڌاءِ انهيءَ لاءِ ته انهن بابت غور ۽ فڪر ڪن.

سَآءَ مَثَلَا ۨ الْقَوْمُ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَ اَنْفُسَهُمْ كَانُوْا يَظْلِمُوْنَ ﴿۱۷۷﴾

(١٧٧) ڪهڙو نہ برو مثال انهن ماڻهن جو ٿيو جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ٺهرايو. هو پنهنجي هٿن سان پنهنجو نقصان ڪندا رهيا.

مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِيْ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۱۷۸﴾

(١٧٨) جنهن لاءِ الله (ڪاميابيءَ جي) راهه کولي سو ئي (سعادت واري) راهه تي آهي ۽ جنهن لاءِ اها راهه گم ڪري ڇڏي تہ اهڙا ئي ماڻهو آهن جي وڏي نقصان هيٺ آيل آهن.

وَلَقَدْ ذَرَاْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِيْرًا مِّنَ الْجِنِّ وَ الْاِنْسِ ۖ لَهُمْ قُلُوْبٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ بِهَا ۫ وَ لَهُمْ اَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُوْنَ بِهَا ۫ وَ لَهُمْ اٰذَانٌ لَّا يَسْمَعُوْنَ بِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ﴿۱۷۹﴾

(١٧٩) ۽ گهڻائي جن ۽ انسان آهن جن کي اسان جهنم جي لاءِ پيدا ڪيو آهي (يعني آخر هو جهنم ۾ داخل ٿيڻ وارا آهن، ڇو تہ) هنن کي عقل آهي پر ان کان سمجهڻ جو ڪم نٿا وٺن، هنن کي اکيون آهن پر انهن کان ڏسڻ جو ڪم نٿا وٺن، هنن کي ڪن آهن پر انهن کان ٻڌڻ جو ڪم نٿا وٺن، هو (عقل ۽ حواسن جو استعمال وڃائي) چوپاين جانورن جهڙا ٿي ويا، بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ گمراهہ ٿيا. اهڙائي ماڻهو آهن جي غفلت ۾ غرق ٿي ويا آهن.

وَ لِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا ۪ وَ ذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اَسْمَآئِهٖ ؕ سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۸۰﴾

(١٨٠) ۽ (ڏسو) حسن ۽ خوبي جا نالا (يعني سڀ چڱيون صفتون) الله لاءِ آهن، تنهن ڪري توهان انهن ئي نالن سان کيس پڪاريو ۽ جيڪي ماڻهو سندس نالن ۾ ڏنگايون ڪڍايون يا ناپاڪايون گڏين ٿا (يعني اهڙيون صفتون گهڙين ٿا جي سندس جمال ۽ پاڪائيءَ جي خلاف آهن) تن کي سندن حال تي ڇڏي ڏي. اهي جلد پنهنجي ڪئي جو ڦل پائيندا.

وَمِمَّنْ خَلَقْنَآ اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿۱۸۱﴾ ع

(١٨١) ۽ جن ماڻهن کي اسان پيدا ڪيو آهي تن ۾ بيشڪ اهڙو ٽولو بہ آهي جو ماڻهن کي سچائيءَ جي واٽ ڏيکاري ٿو ۽ سچائيءَ سان انهن ۾ انصاف بہ ڪري ٿو

## رڪوع 23

## منڪرن ۽ گنهگارن کي درجي بدرجي سزا ملندي

وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۲﴾ ۚ

(١٨٢) ۽ جن ماڻهن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرايو تن کي اسان درجي بدرجي (آخر نتيجي تائين) وٺي ويندا سين، اهڙيءَ طرح جو هنن کي خبر بہ نہ پوندي.

وَ اُمْلِيْ لَهُمْ ؕ اِنَّ كَيْدِيْ مَتِيْنٌ ﴿۱۸۳﴾

(١٨٣) اسان کين مهلت ٿا ڏيون (يعني اسانجي قانون مطابق نتيجا درجي بدرجي ظاهر ٿا ٿين) ۽ اسان جي مخفي تدبير بلڪل مضبوط ۽ اڻ ڳُس آهي.

اَوَلَمْ يَتَفَكَّرُوْا ٚ مَا بِصَاحِبِهِمْ مِّنْ جِنَّةٍ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۸۴﴾

(١٨٤) ڇا ماڻهو غور ۽ فڪر بہ نٿا ڪن. سندن رفيق (يعني پيغمبر اسلام نبوت ملڻ کان اڳ چاليهہ سال منجهن گذاريو ۽ سندن عقل ۽ اخلاق ڏٺائون، هاڻي هو ڪيئن ٿا چئي سگهن تہ هن کي) چريائي اچي

جهليو آهي. (سندس عملن مان ڪين يقين اچڻ گهرجي تہ) هو سواءِ هن جي ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿو تہ (انڪار ۽ بدعملي جي سزا بابت) ڪليءَ طرح خبردار ڪرڻ وارو آهي.

اَوَ لَمْ يَنْظُرُوْا فِيْ مَلَكُوْتِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۙ وَّاَنْ عَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ قَدِ اقْتَرَبَ اَجَلُهُمْ ۚ فَبِاَيِّ حَدِيْثٍۭ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ ۝١٨٥

(١٨٥) ڇا اهي ماڻهو آسمان ۽ زمين جي بادشاهي ڏانهن ۽ جيڪي جيڪي خدا خلقيو آهي تنهن ڏانهن غور جي نظر سان نٿا ڏسن؟ ۽ پڻ هن ڳالهہ تي غور نٿا ڪن جا بلڪل ممڪن آهي تہ سندس (مقرر) وقت ويجهو اچي ويو آهي؟ (جيڪڏهن اهي ڳالهيون بہ هنن کي غور ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيون ڪن تہ) پوءِ ڪهڙي ڳالهہ تي سگهي ٿي جنهن تي هن ڪان پوءِ ايمان آڻيندا؟

مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَا هَادِيَ لَهٗ ؕ وَيَذَرُهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ۝١٨٦

(١٨٦) (ياد رکو تہ) جهن جي لاءِ الله تعاليٰ (حق جي) راهہ گم ڪري ڇڏي (يعني خدائي فطرت جي قانون موجب پنهنجي سمجهہ پاڻ وڃائي ڇڏي) تنهن جي لاءِ ٻيو ڪوبہ واٽ ڏيکاريندڙ ڪونهي. خدا (جي قانون) هن کي ڇڏي ڏنو آهي تہ پنهنجي سرڪشيءَ ۾ ڀٽڪندا رهن.

يَسْــَٔلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰىهَا ؕ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّيْ ۚ لَا يُجَلِّيْهَا لِوَقْتِهَآ اِلَّا هُوَ ۘؔ ثَقُلَتْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ لَا تَاْتِيْكُمْ اِلَّا بَغْتَةً ؕ يَسْــَٔلُوْنَكَ كَاَنَّكَ حَفِيٌّ عَنْهَا ؕ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝١٨٧

(١٨٧) (اي پيغمبر) ماڻهو توکان (قيامت جي) اچڻ واري وقت بابت پڇن ٿا تہ آخر اها ڪڏهن ايندي؟ تون چئو تہ، ان جو علم تہ منهنجي پروردگار کي آهي. اهوئي آهي جو ان کي ان جي وقت تي ظاهر ڪندو. اهو وڏو ڀاري حادثو آهي جو آسمانن ۽ زمين ۾ واقع ٿيندو. اهو (واقعو) اوهان تي اوچتو اچي ڪڙڪندو. (اي پيغمبر) اهي ماڻهو توکان اهڙيءَ طرح ٿا پڇن جو ڄڻ تہ تون ان (قيامت جي اچڻ) لاءِ وڏي شوق سان نهاري رهيو آهين. تون ڪين ٻڌاءِ تہ حقيقت هيءَ آهي تہ ان جو علم فقط الله کي آهي. پر اڪثر ماڻهو اهڙا آهن جي هن حقيقت کان بي خبر آهن.

قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ وَلَوْ كُنْتُ اَعْلَمُ الْغَيْبَ لَاسْتَكْثَرْتُ مِنَ الْخَيْرِ ۖۛ وَمَا مَسَّنِيَ السُّوْٓءُ ۚۛ اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ۝١٨٨

(١٨٨) (اي پيغمبر، تون ماڻهن کي هي بہ) چئو تہ، منهنجو حال تہ اهو آهي جو پنهنجي جان جو نفعو نقصان بہ منهنجي اختيار ۾ ناهي. اهوئي ٿئي ٿو جيڪي خدا چاهي ٿو. جيڪڏهن مون کي غيب جو علم هجي ها تہ ضرور ائين ڪيان ها جو گهڻائي نفعا ۽ فائدا پنهنجي لاءِ حاصل ڪيان ها، ۽ (زندگيءَ ۾) ڪوئي ايذاءُ يا تڪليف مون کي نہ پهچي ها. مان هن کان سواءِ ٻيو ڇا آهيان تہ مڃڻ وارن لاءِ خبردار ڪرڻ وارو ۽ خوشخبري ڏيڻ وارو آهيان.

### رکوع 24

**عرب جا مشرڪ ڪنهن گهرج يا مصيبت وقت خدا کي پڪاريندا هئا، پر مراد پوري ٿيڻ کان پوءِ سمجهندا هئا تہ اسان جي آستانن ۽ بتن اسان جي مراد پوري ڪئي.**

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّجَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا لِيَسْكُنَ اِلَيْهَا ۚ فَلَمَّا

(١٨٩) اهوئي (اوهان جو پروردگار) آهي جنهن هڪ جان (آدم) مان اوهان کي پيدا ڪيو ۽ انهيءَ جي جنس مان سندس جوڙو (حوا) بنايو،

تَغَشّٰىهَا حَمَلَتْ حَمْلًا خَفِيْفًا فَمَرَّتْ بِهٖ ۚ فَلَمَّآ اَثْقَلَتْ دَّعَوَا اللّٰهَ رَبَّهُمَا لَئِنْ اٰتَيْتَنَا صَالِحًا لَّنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿۱۸۹﴾

انهيءَ لاءِ ته سندس صحبت ۾ آرام ۽ خوشي حاصل ڪري. پوءِ جڏهن مرد عورت سان همبستر ٿئي ٿو تڏهن عورت کي پيٽ ۾ ٻار ٿئي ٿو. پهريائين حمل جو بار هلڪو ٿو ٿئي ۽ ان سان گهمندي ڦرندي وقت گذاري ٿي، پر جڏهن بار ڳورو ٿئي ٿو (۽ ويم جو وقت ويجهو اچي ٿو) تڏهن ٻئي زال مڙس خدا کان، جو سندس پرورش ڪندڙ آهي دعا گهرن ٿا ته، اي خد اسان ٻئي تنهنجا شڪر گذار رهنداسين، جيڪڏهن اسان کي هڪ تندرست ٻار عطا فرمائيندين.

فَلَمَّآ اٰتٰىهُمَا صَالِحًا جَعَلَا لَهٗ شُرَكَآءَ فِيْمَآ اٰتٰىهُمَا ۚ فَتَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۱۹۰﴾

(١٩٠) پوءِ جڏهن خدا هنن کي هڪ تندرست ٻار عطا فرمايو تڏهن جيڪي خدا هنن کي ڏنو تنهن ۾ ٻين هستين کي شريڪ ٺهرائڻ لڳا (يعني چوڻ لڳا ته، فلاڻي ديوتا يا آستان اسان تي ٻلائي ڪئي آهي) سو (ياد رکو ته) اهي ماڻهو جيڪي شرڪ جون ڳالهيون ڪن ٿا تن کان الله جي ذات گهڻو بلند (۽ پاڪ) آهي.

اَيُشْرِكُوْنَ مَا لَا يَخْلُقُ شَيْـًٔا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ ﴿۱۹۱﴾

(١٩١) اهي ماڻهو ڪهڙين هستين کي (خدا سان) شريڪ ٺهرائين ٿا؟ ڇا اهڙين هستين کي جي ڪا به شيءِ پيدا ڪري نٿا سگهن ۽ خود پاڻ به ڪنهن ٻئي جا پيدا ڪيل آهن؟

وَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ لَهُمْ نَصْرًا وَّلَآ اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ ﴿۱۹۲﴾

(١٩٢) هنن (ديوتائن) ۾ نڪي اها طاقت آهي جو انهن (ماڻهن) کي مدد ڪري سگهن، نڪي اها طاقت اٿن جو پاڻ کي ئي مدد پهچائي سگهن.

وَاِنْ تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى لَا يَتَّبِعُوْكُمْ ۭ سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ اَدَعَوْتُمُوْهُمْ اَمْ اَنْتُمْ صَامِتُوْنَ ﴿۱۹۳﴾

(١٩٣) جيڪڏهن توهان هنن کي سڌيءَ واٽ ڏي سڏيو، ته هو توهان جي پٺيان قدم نه کڻندا. ۽ توهان هنن کي سڏيو يا چپ رهو ٻنهي حالتن جو نتيجو اوهان جي لاءِ هڪ جهڙو ٿيندو (يعني هو اوهان ڏي ڪونه ايندا ۽ ايمان ڪونه آڻيندا.)

اِنَّ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ عِبَادٌ اَمْثَالُكُمْ فَادْعُوْهُمْ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۱۹۴﴾

(١٩٤) (نادانؤ!) توهان خدا کان سواءِ جن هستين کي پڪاريو ٿا اهي ته اوهان وانگر خدا جا ٻانها آهن، جيڪڏهن توهان (پنهنجي هن وهم ۾) سچا آهيو ته (هنن ۾ ٻين انسانن کان وڌيڪ طاقتون آهن) ته پوءِ (پنهنجي گهرجن پورين ڪرڻ لاءِ) هنن کي سڏيو ۽ هو توهان جي سڏ جو جواب ته ڏين!

اَلَهُمْ اَرْجُلٌ يَّمْشُوْنَ بِهَآ ۡ اَمْ لَهُمْ اَيْدٍ يَّبْطِشُوْنَ بِهَآ ۡ اَمْ لَهُمْ اَعْيُنٌ يُّبْصِرُوْنَ بِهَآ ۡ اَمْ لَهُمْ اٰذَانٌ يَّسْمَعُوْنَ بِهَا ۭ قُلِ ادْعُوْا شُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ كِيْدُوْنِ فَلَا تُنْظِرُوْنِ ﴿۱۹۵﴾

(١٩٥) ڇا هن (ٻتن) کي پير آهن جن سان هلي سگهن؟ ڪين هٿ آهن جن سان ڪا شيءِ جهلي سگهن؟ ڪين اکيون آهن جن سان ڏسي سگهن؟ ڪين ڪن آهن جن سان ٻڌي سگهن؟ (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي چئو ته (جيڪڏهن توهان جا ٺهرايل شريڪ اوهان جي مدد ڪري ٿا سگهن ته) انهن پنهنجن شريڪن کي (خوب) پڪاريو، پوءِ (منهنجي خلاف سڀ) مخفي تدبيرون عمل ۾ آڻيو ۽ مون کي (پنهنجي عقل موجب) ذرو به مهلت نه ڏيو. (پوءِ ڏسو ته نتيجو ڇا ٿو نڪري).

| | |
|---|---|
| اِنَّ وَلِیِّۦَ اللّٰهُ الَّذِیۡ نَزَّلَ الۡکِتٰبَ ۖ وَهُوَ یَتَوَلَّی الصّٰلِحِیۡنَ ﴿۱۹۶﴾ | (١٩٦) منهنجو ڪارساز تہ بس الله آهي جنهن هيءُ ڪتاب نازل فرمايو ۽ اهوئي آهي جو نيڪ انسانن جي ڪارسازي ٿو ڪري. |
| وَالَّذِیۡنَ تَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِهٖ لَا یَسۡتَطِیۡعُوۡنَ نَصۡرَکُمۡ وَلَاۤ اَنۡفُسَهُمۡ یَنۡصُرُوۡنَ ﴿۱۹۷﴾ | (١٩٧) توهان الله کان سواءِ جن کي پڪاريو ٿا سي نڪي توهان جي مدد ڪري ٿا سگهن، نڪي پنهنجي ئي مدد ڪرڻ جي طاقت اٿن. |
| وَاِنۡ تَدۡعُوۡهُمۡ اِلَی الۡهُدٰی لَا یَسۡمَعُوۡا ؕ وَتَرٰىهُمۡ یَنۡظُرُوۡنَ اِلَیۡكَ وَهُمۡ لَا یُبۡصِرُوۡنَ ﴿۱۹۸﴾ | (١٩٨) (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون انهن ماڻهن کي سڌي رستي ڏانهن سڏين تہ هو ڪڏهن بہ تنهنجو سڏ نہ ٻڌندا. تو کي ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي تہ هو تنهنجي طرف نهاري رهيا آهن، پر حقيت هيءَ آهي تہ هو توکي ڪونہ ٿا ڏسن (۽ سمجهن). |
| خُذِ الۡعَفۡوَ وَاۡمُرۡ بِالۡعُرۡفِ وَاَعۡرِضۡ عَنِ الۡجٰهِلِیۡنَ ﴿۱۹۹﴾ | (١٩٩) (بهرحال) نرمي ۽ درگذر کان ڪم وٺ، نيڪيءَ جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان مڙي لنگهہ. |
| وَاِمَّا یَنۡزَغَنَّكَ مِنَ الشَّیۡطٰنِ نَزۡغٌ فَاسۡتَعِذۡ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ سَمِیۡعٌ عَلِیۡمٌ ﴿۲۰۰﴾ | (٢٠٠) ۽ جيڪڏهن شيطان جي طرف کان ڪو (خراب) وسوسو تون محسوس ڪرين تہ الله جي طرف متوجهہ ٿي وڃ ۽ سندس پناهہ گهر. بيشڪ هو (سڀ ڪجهہ) ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. |
| اِنَّ الَّذِیۡنَ اتَّقَوۡا اِذَا مَسَّهُمۡ طٰٓئِفٌ مِّنَ الشَّیۡطٰنِ تَذَکَّرُوۡا فَاِذَا هُمۡ مُّبۡصِرُوۡنَ ﴿۲۰۱﴾ | (٢٠١) بيشڪ جيڪي ماڻهو متقي آهن (يعني خدا جو خوف رکندڙ آهن تن کي) جيڪڏهن شيطان جي وسوسي وجهڻ سان ڪو خيال (گناہ ڪرڻ جو) اچي وڃي ٿو تہ هڪدم خبردار ٿي ٿا وڃن (۽ خدا جي يادگيري اچي ٿي وڃين) ۽ پوءِ (غفلت جو پردو هٽي ٿو وڃي ڄڻ تہ) هنن جون اکيون بروقت کلي وڃن ٿيون. |
| وَاِخۡوَانُهُمۡ یَمُدُّوۡنَهُمۡ فِی الۡغَیِّ ثُمَّ لَا یُقۡصِرُوۡنَ ﴿۲۰۲﴾ | (٢٠٢) پر جيڪي ماڻهو شيطانن جا يائر آهن تن کي اهي (شيطان) گهلي وڃي ٿا گمراهيءَ (جي کڏ) ۾ وجهن، پوءِ اهي ان گمراهي (۽ گناهن) ۾ ذرو بہ گهٽتائي نٿا ڪن. |
| وَاِذَا لَمۡ تَاۡتِهِمۡ بِاٰیَةٍ قَالُوۡا لَوۡلَا اجۡتَبَیۡتَهَا ؕ قُلۡ اِنَّمَاۤ اَتَّبِعُ مَا یُوۡحٰۤی اِلَیَّ مِنۡ رَّبِّیۡ ۚ هٰذَا بَصَآئِرُ مِنۡ رَّبِّکُمۡ وَهُدًی وَّرَحۡمَةٌ لِّقَوۡمٍ یُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿۲۰۳﴾ | (٢٠٣) ۽ (اي پيغمبر) جڏهن تون هنن ڪافرن وٽ ڪا نشاني (آيت) نٿو آڻين تڏهن هو توکي چون ٿا تہ ڇو نہ تو ڪا نشاني پسند ڪري چونڊي آندي؟ (يعني ڇو نہ پاڻ ٺاهي ورتئي؟) تون کين چئو تہ، حقيقت فقط هيءَ آهي تہ جيڪي منهنجي پروردگار جي طرفان مون وٽ وحي اچي ٿو تنهن جي پيروي ٿو ڪريان (پنهنجون ڳالهيون ڪونہ ٿو ٺاهيان) هي (قرآن) توهان جي پروردگار وٽان (سچن) دليلن ۽ ثابتين جو سرمايو آهي ۽ جيڪي بہ ماڻهو ايمان رکندڙ آهن تن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي. |
| وَاِذَا قُرِئَ الۡقُرۡاٰنُ فَاسۡتَمِعُوۡا لَهٗ وَاَنۡصِتُوۡا لَعَلَّکُمۡ تُرۡحَمُوۡنَ ﴿۲۰۴﴾ | (٢٠٤) (اي مسلمانو) جڏهن بہ قرآن مجيد پڙهيو وڃي تڏهن دل لڳائي ٻڌندا ڪريو ۽ خاموش رهندا ڪريو تہ، اوهان تي الله تعاليٰ جي رحمت ٿئي. |

وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّخِيْفَةً وَّدُوْنَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ وَلَا تَكُنْ مِّنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿۲۰۵﴾

(۲۰۵) ۽ (اي پيغمبر!) پنهنجي پروردگار کي صبح شام (يعني هر وقت) ياد ڪندو ڪر، دل ئي دل ۾ عاجزي ۽ نياز سان ۽ ڊڄندڙ دل سان ۽ زبان سان بہ آهستي آهستي (دعا گهرندو ڪر يا قرآن پڙهندو ڪر) پر نہ وڏي آواز سان ۽ ائين نہ ڪجانءِ جو غافلن منجهان ٿي پئين.

اِنَّ الَّذِيْنَ عِنْدَ رَبِّكَ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَيُسَبِّحُوْنَهٗ وَلَهٗ يَسْجُدُوْنَ ﴿۲۰۶﴾

(۲۰۶) جيڪي الله وٽ (مقرب) آهن، سي ڪڏهن بہ تڪبر ڪري سندس بندگيءَ کان منهن نٿا موڙين. اهي سندس پاڪائي ۽ شان ڳائين ٿا ۽ سندس ئي اڳيان سجدي ۾ جهڪن ٿا.

**سورة انفال (يعني لڙائيءَ ۾ هٿ آيل غنيمت جو مال) مدني 75 آيتون**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع ٿا ڪيون الله جي نالي سان جو وڏو مهربان ۽ رحم وارو آهي

**رڪوع 1**

**سچا مؤمن اهي آهن جيڪي جڏهن الله جو نالو ٻڌن تڏهن سندن دليون ٿڙڪي وڃن**

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ ؕ قُلِ الْاَنْفَالُ لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَصْلِحُوْا ذَاتَ بَيْنِكُمْ ۪ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗۤ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱﴾

(۱) (اي پيغمبر!) ماڻهو توکان غنيمت جي مال بابت پڇن ٿا (تہ ڪيئن ورهائجي؟) تون کين چئو تہ، غنيمت جو مال دراصل الله ۽ ان جي رسول جو آهي. (يعني الله ۽ رسول کي ئي فيصلو ڪرڻو آهي) پوءِ جيڪڏهن توهان سچا مؤمن آهيو تہ توهان کي گهرجي تہ (ان مال بابت پاڻ ۾ جهيڙا نہ ڪيو) الله کان ڊڄو، پنهنجا هڪٻئي سان معاملا درست رکو ۽ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداريءَ ۾ محڪم رهو.

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَاِذَا تُلِيَتْ عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿۲﴾

(۲) مؤمنن جو شان تہ هي آهي جو جڏهن الله جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو (يا نالو ورتو وڃي ٿو) تڏهن سندن دليون دهلجي ٿيون وڃن ۽ جڏهن سندس آيتون کين پڙهي ٻڌائجن ٿيون تڏهن سندن ايمان کي وڌيڪ پڪو ڪري ٿيون ڇڏين، ۽ هو هر حال ۾ پنهنجي پروردگار تي (پنهنجي فرض ادائي ڪرڻ بعد) پورو ڀروسو رکن ٿا.

الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۳﴾

(۳) جيڪي نماز قائم ڪن ٿا ۽ جيڪي جيڪي اسان کين ڏنو آهي تنهن مان (ڪجهہ حصو اسان جي راهہ ۾ بہ) خرچ ڪن ٿا.

اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ لَهُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَمَغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿۴﴾

(٤) بيشڪ اهڙائي ماڻهو حقيقي مؤمن آهن، انهن جي لاءِ سندن پروردگار وٽان مرتبا ۽ درجا آهن ۽ بخشائش ۽ عزت جي روزي آهي.

كَمَآ اَخْرَجَكَ رَبُّكَ مِنْۢ بَيْتِكَ بِالْحَقِّ ۪ وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ لَكٰرِهُوْنَ ﴿۵﴾

(۵) (هن غنيمت جي معاملي کي بہ اهڙوئي سمجهو) جهڙيءَ طرح (بدر جي جنگ ۾) هيءَ ڳالهہ ٿي هئي جو تنهنجي پروردگار سچائي سان (حق جي راهہ ۾) توکي گهر کان ٻاهر آندو هو ۽ هيءَ سچي ڳالهہ آهي تہ مؤمنن جي هڪڙي ٽولي هن ڳالهہ ۾ (يعني ڪافرن جي لشڪر سان وڙهڻ ۾) بلڪل ناراض هئي.

| | |
|---|---|
| يُجَادِلُوْنَكَ فِي الْحَقِّ بَعْدَ مَا تَبَيَّنَ كَاَنَّمَا يُسَاقُوْنَ اِلَى الْمَوْتِ وَهُمْ يَنْظُرُوْنَ ۝٦ | (٦) اهي (ناراض ٿوليءَ وارا) توسان حق جي ڳالهه ۾ جهڳڙو ڪرڻ لڳا، اگرچه معاملو صاف ظاهر ٿي چڪو هو (ته هڪ هزار ڪافر مديني تي ڪاهڻ اچي رهيا هئا، اهي مسلمان لڙائي ڪرڻ کان ايتري قدر ٿي چرڪيا جو) ڄڻ ته ڪين زور سان موت جي منهن ۾ ڌڪيو پي ويو ۽ هو (پنهنجو موت پنهنجي اکين سان) ڏسي رهيا هئا. |
| وَاِذْ يَعِدُكُمُ اللّٰهُ اِحْدَى الطَّآئِفَتَيْنِ اَنَّهَا لَكُمْ وَتَوَدُّوْنَ اَنَّ غَيْرَ ذَاتِ الشَّوْكَةِ تَكُوْنُ لَكُمْ وَيُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّحِقَّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَيَقْطَعَ دَابِرَ الْكٰفِرِيْنَ ۝٧ | (٧) ۽ (اي مسلمانو اهو وقت ياد ڪريو) جڏهن الله اوهان سان واعدو ڪيو هو ته (دشمنن جي) ٻن جماعتن مان هڪ ضرور اوهان جي هٿ ايندي ۽ اوهان جو حال هي هو جو چاهيو ٿي ته جنهن جماعت ۾ وڙهڻ جي طاقت ڪانهي (يعني قافلي واري) سا هٿ اچي وڃي، پر خدا ته چاهيو ٿي ته پنهنجي واعدي موجب حق کي ثابت (۽ پائدار) ڪري، ۽ حق جي دشمنن جون پاڙون پٽي وڍي ڇڏي. |
| لِيُحِقَّ الْحَقَّ وَيُبْطِلَ الْبَاطِلَ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ۝٨ | (٨) اهو انهيءَ لاءِ ته (الله تعاليٰ) حق کي حق (يعني ثابت ۽ پائدار) ڪري ڏيکاري ۽ باطل کي باطل ڪري ڏيکاري (يعني ڪوڙ کي ناڪامياب ۽ فنا ڪري ڇڏي) اگرچه (ظلم ۽ فساد ڪندڙ) گنهگار ائين ٿيڻ پسند نه ڪن. |
| اِذْ تَسْتَغِيْثُوْنَ رَبَّكُمْ فَاسْتَجَابَ لَكُمْ اَنِّيْ مُمِدُّكُمْ بِاَلْفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُرْدِفِيْنَ ۝٩ | (٩) (۽ اهو وقت به ياد رکو) جڏهن توهان (بدر جي جنگ جي موقعي تي) پنهنجي پروردگار وٽ پڪار ڪئي هئي ته، اسان جي مدد ڪر ۽ هن اوهان جي پڪار ٻڌي هئي، هن چيو هو ته، مان هڪ هزار فرشتن سان جي هڪ ٻئي پٺيان ايندا توهان جي مدد ڪندس. |
| وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى وَلِتَطْمَئِنَّ بِهٖ قُلُوْبُكُمْ ۚ وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ۝١٠ | (١٠) ۽ الله جو اها ڳالهه ڪئي سو سندس مقصد سواءِ هن جي ڪجهه نه هو ته (توهان جي لاءِ) خوشخبري ٿئي ۽ اوهان جون (هراسيل) دليون تسلي ۽ قرار حاصل ڪن، نه ته مدد ته (اهر حال ۾) الله ئي جي طرف کان آهي. بيشڪ هو (سيني تي غالب پوڻ وارو ۽ پنهنجي سيني ڪمن ۾) حڪمت رکڻ وارو آهي. |

رڪوع 3

**جيڪي الله جي راهه ۾ نڪري پوندا ته الله به انهن لاءِ رحمت جا دروازا کولي ڇڏي ٿو**

| | |
|---|---|
| اِذْ يُغَشِّيْكُمُ النُّعَاسَ اَمَنَةً مِّنْهُ وَيُنَزِّلُ عَلَيْكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً لِّيُطَهِّرَكُمْ بِهٖ وَيُذْهِبَ عَنْكُمْ رِجْزَ الشَّيْطٰنِ وَلِيَرْبِطَ عَلٰى قُلُوْبِكُمْ وَيُثَبِّتَ بِهِ الْاَقْدَامَ ۝١١ | (١١) (اهو وقت ياد ڪيو) جڏهن الله تعاليٰ اوهان تي ڇانئجي ويندڙ ننڊ آندي، جا ننڊ خدا جي طرفان اوهان لاءِ تسلي ۽ بي ڊپائيءَ جو سبب بڻجي پئي ۽ الله تعاليٰ آسمان مان اوهان تي مينهن وسايو انهيءَ لاءِ ته اوهان کي پاڪ ۽ صاف ٿيڻ جو موقعو ڏئي ۽ اوهان مان شيطان (جي وسوسن) جي ناپاڪائي ڪڍي ڇڏي. پڻ توهان جون دليون ڳنڍي مضبوط ڪري ڇڏي ۽ (واريءَ تي) اوهان جا قدم ان مينهن جي وسيلي ڄمائي. |

إِذْ يُوحِي رَبُّكَ إِلَى الْمَلَٰٓئِكَةِ أَنِّي مَعَكُمْ فَثَبِّتُوا الَّذِينَ آمَنُوا ۚ سَأُلْقِي فِي قُلُوبِ الَّذِينَ كَفَرُوا الرُّعْبَ فَاضْرِبُوا فَوْقَ الْأَعْنَاقِ وَاضْرِبُوا مِنْهُمْ كُلَّ بَنَانٍ ﴿١٢﴾

(١٢) (اي پيغمبر! هي اهو وقت هو) جڏهن تنهنجي پروردگار فرشتن تي وحي نازل ڪيو ته مان اوهان سان آهيان (يعني منهنجي مدد توهان سان آهي) پوءِ مؤمنن کي محڪم ۽ ثابت قدم رکو. جلدئي مان ڪافرن جي دلين ۾ (مؤمنن جي) دهشت وجهندس تنهن ڪري (اي مسلمانو) هنن جي گردنن تي (تلوار جا) ڌڪ هڻو ۽ هنن جي هٿن ۽ پيرن جي هرهڪ آگر تي ڌڪ لڳايو.

ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمْ شَاقُّوا اللَّهَ وَرَسُولَهُ ۚ وَمَن يُشَاقِقِ اللَّهَ وَرَسُولَهُ فَإِنَّ اللَّهَ شَدِيدُ الْعِقَابِ ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ هي (هلت) هن ڪري (ڪيو) جو هنن الله ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪو به الله ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪندو ته پوءِ ياد رکو ته الله تعاليٰ (ڪين سندن عملن جي بدلي ۾) سخت سزا ڏيڻ وارو آهي.

ذَٰلِكُمْ فَذُوقُوهُ وَأَنَّ لِلْكَافِرِينَ عَذَابَ النَّارِ ﴿١٤﴾

(١٤) (اي حق جا دشمنؤ!) هيءَ آهي سزا اوهان جي لاءِ، پوءِ پو ڳيو اها سزا ۽ يقين ڄاڻو ته حق جي منڪرن لاءِ دوزخ جي باهه جو عذاب به اچڻو آهي.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِذَا لَقِيتُمُ الَّذِينَ كَفَرُوا زَحْفًا فَلَا تُوَلُّوهُمُ الْأَدْبَارَ ﴿١٥﴾

(١٥) مومنؤ! جڏهن ڪافرن جي لشڪر سان اوهان جو مقابلو ٿئي (يعني هو اوهان تي چڙهي اچن ۽ اوهان کي ساٽن وڙهڻو پوي) تڏهن هنن کي هرگز پٺي نه ڏيکار جو (يعني متان ڀڄي پوئتي پڃو).

وَمَن يُوَلِّهِمْ يَوْمَئِذٍ دُبُرَهُ إِلَّا مُتَحَرِّفًا لِّقِتَالٍ أَوْ مُتَحَيِّزًا إِلَىٰ فِئَةٍ فَقَدْ بَاءَ بِغَضَبٍ مِّنَ اللَّهِ وَمَأْوَاهُ جَهَنَّمُ ۖ وَبِئْسَ الْمَصِيرُ ﴿١٦﴾

(١٦) ۽ جيڪو به اهڙي موقعي تي پٺي ڏئي ڀڄندو تنهن بابت سمنجهو ته هو خدا جي غضب هيٺ اچي ويو ۽ هن جو ٽڪاڻو دوزخ ٿيو. (۽ هن جو ٽڪاڻو دوزخ ٿيو ته پوءِ) ڪهڙي نه خراب جاءِ آهي، پر جيڪو لڙائي جي مصلحت لاءِ هٽي وڃي يا (پنهنجي ٽولين مان) ڪنهن ٽوليءَ سان جاءِ وٺڻ چاهي (۽ انهن مقصدن لاءِ هڪ جاءِ ڪان هٽي ٻي جاءِ ڏي وڃي ته پوءِ جائز آهي.)

فَلَمْ تَقْتُلُوهُمْ وَلَٰكِنَّ اللَّهَ قَتَلَهُمْ ۚ وَمَا رَمَيْتَ إِذْ رَمَيْتَ وَلَٰكِنَّ اللَّهَ رَمَىٰ ۚ وَلِيُبْلِيَ الْمُؤْمِنِينَ مِنْهُ بَلَاءً حَسَنًا ۚ إِنَّ اللَّهَ سَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴿١٧﴾

(١٧) (ٻڌاڪ نه هڻجو ياد رکو ته) توهان هنن کي (جنگ ۾) قتل نه ڪيو پر خود خدا هنن کي قتل ڪيو ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن تو (جنگ جي ميدان ۾ مٺيءَ سان مٽ ڀري ڪافرن ڏانهن) اڇلائي هئي تڏهن حقيقتاً تو ڪين اڇلائي هئي پر خدا اڇلائي هئي ۽ اهو هن ڪري ٿيو هو ته ان جي وسيلي ايمان وارن کي هڪڙي چڱي آزمائش ۾ وجهي آزمائي. بيشڪ الله تعالي! ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

ذَٰلِكُمْ وَأَنَّ اللَّهَ مُوهِنُ كَيْدِ الْكَافِرِينَ ﴿١٨﴾

(١٨) هي سڀ ته ٿي چڪو (جو بدر ۾ ڪافرن کي شڪست آئي) هاڻي (هي به ٻڌي ڇڏيو ته) الله تعاليٰ يقيناً ڪافرن جي مخفي تدبيرن کي به (جيڪي هو اسلام کي روڪڻ لاءِ ڪري رهيا آهن) ڪمزور ڪري ڇڏڻ وارو آهي.

إِن تَسْتَفْتِحُوا فَقَدْ جَاءَكُمُ الْفَتْحُ ۖ وَإِن تَنتَهُوا فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۖ وَإِن تَعُودُوا

(١٩) (اي مڪي جاسردارؤ!) جيڪڏهن توهان سوڀ جا طلبگار هئو ته ڏسي ورتوَ ته سوڀ توهان جي سامهون اچي ويئي. (يعني فتح مومنن کي

نَعُدْ ۚ وَلَنْ تُغْنِيَ عَنْكُمْ فِئَتُكُمْ شَيْئًا وَّلَوْ كَثُرَتْ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٩﴾

ملي) ۽ جيڪڏهن (آئنده لڙائيءَ کان) باز اچو ته ان ۾ توهان جي لاءِ بهتري آهي ۽ جيڪڏهن وري اها هلت (وڙهڻ واري) وٺندؤ ته اسان به اهائي هلت وٺنداسين ۽ ياد رکو ته اوهان جو لشڪر توهان جي ڪجھ به ڪم نه ايندو، اگرچه گهڻا ماڻهو گڏ ڪيو. يقيناً الله تعاليٰ مؤمنن سان آهي. (ڪين مدد ڪندو ۽ اوهان ڪافر نيٺ مغلوب ٿيندؤ).

### رکوع 3

**مال ۽ اولاد اوهان جي آزمائش لاءِ آهن متان انهن جي خاطر بدفضيلتا تي وڃو**

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَوَلَّوْا عَنْهُ وَاَنْتُمْ تَسْمَعُوْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) مومنؤ! الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪيو. ان ڪان منهن نه موڙيو، جڏهن ته توهان (حق جو سڏ) ٻڌي رهيا آهيو.

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ انهن ماڻهن (اهل ڪتاب) وانگر نه ٿيو، جن (زبان سان ته) چيو ته، اسان ٻڌو پر حقيقت هيءَ آهي ته هو ڪونه ٻڌندا هئا. (يعني نڪي غور ۽ فڪر ڪندا هئا، نڪي تعميل ڪندا هئا).

اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٢٢﴾

(٢٢) يقيناً الله تعاليٰ جي نظر ۾ سڀني ڪان وڌيڪ خراب ساهوارا اهي (انسان) آهن جي ٻوڙا ۽ گونگا آهن جي ڪجھ به نٿا سمجهن.

وَلَوْ عَلِمَ اللّٰهُ فِيْهِمْ خَيْرًا لَّاَسْمَعَهُمْ ۭ وَلَوْ اَسْمَعَهُمْ لَتَوَلَّوْا وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ هنن ۾ ڪجھ به ڀلائي ڏسي ها (يعني فهم ۽ حق جي قبوليت جو مادو ڏسي ها) ته ضرور هنن کي ٻڌرائي ها، ۽ جيڪڏهن هنن کي ٻڌرائي ته به نتيجو هي نڪرندو جو هو منهن موڙي ڇڏيندا (يعني نڪي مڃيندا، نڪي عمل ڪندا) هو (ايمان ڪان) ڦري وڃڻ وارا آهن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ اِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيْكُمْ ۚ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ يَحُوْلُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَقَلْبِهٖ وَاَنَّهٗۤ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٢٤﴾

(٢٤) مومنؤ! الله ۽ سندس رسول جو سڏ اونايو، جڏهن هو اوهان کي سڏي. انهيءَ لاءِ ته توهانکي (روحاني موت جي حالت مان ڪڍي) زنده ڪري ڇڏي ۽ ڄاڻو ته (اڪثر وقتن تي ڇا ٿو ٿئي جو) الله تعاليٰ (پنهنجي ٺهرايل قانون ۽ سببن جي وسيلي) انسان ۽ سندس دل جي وچ ۾ حائل ٿي ٿو وڃي، ۽ پڻ ڄاڻو ته آخر سندس ئي حضور ۾ گڏ ڪري آندا ويندؤ.

وَاتَّقُوْا فِتْنَةً لَّا تُصِيْبَنَّ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْكُمْ خَآصَّةً ۚ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢٥﴾

(٢٥) ۽ انهيءَ فتني ڪان (خبرداريءَ سان) پاڻ کي بچائيندا رهو جو فتنو جيڪڏهن ايندو ته ان جي چوٽ رڳو ظلم ڪندڙن کي نه لڳندي ۽ ڄاڻو ته الله تعاليٰ (بدعملن جي) سزا ڏيڻ ۾ سخت آهي.

وَاذْكُرُوْۤا اِذْ اَنْتُمْ قَلِيْلٌ مُّسْتَضْعَفُوْنَ فِي الْاَرْضِ تَخَافُوْنَ اَنْ يَّتَخَطَّفَكُمُ النَّاسُ فَاٰوٰىكُمْ وَاَيَّدَكُمْ بِنَصْرِهٖ وَرَزَقَكُمْ مِّنَ

(٢٦) ۽ اهو وقت ياد ڪريو جڏهن (مڪي ۾) اوهان (مسلمانن) جو تعداد تمام ٿورو هو ۽ توهان ملڪ ۾ ڪمزور سمجهيا ٿي ويؤ. توهان انهيءَ وقت ڊڄندا هئو ته متان (زبردست دشمن) ماڻهو اوهان کي اڏائي ڪٽي نه وڃن. پوءِ الله تعاليٰ اوهان کي (مديني ۾) پناهه ڏني، پنهنجي مددگاريءَ

الطَّيِّبٰتِ لَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۲۶﴾

سان اوهان کي طاقت ڏني ۽ چڱيون شيون ڏئي رزق جو سامان مهيا ڪيو، انهيءَ لاءِ توهان شڪرگذار رهو (۽ خدا جي نعمتن جو قدر ڪيو.)

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَخُوۡنُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوۡلَ وَتَخُوۡنُوۡۤا اَمٰنٰتِكُمۡ وَاَنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۲۷﴾

(۲۷) مومنؤ! ائين نہ ڪجو جو الله ۽ سندس رسول سان خيانت ڪيو. هڪٻئي جي امانتن ۾ خيانت ڪيو ۽ توهان هن ڳالهہ کان ناواقف ڪونہ آهيو.

وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّمَاۤ اَمۡوَالُكُمۡ وَاَوۡلَادُكُمۡ فِتۡنَةٌ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ عِنۡدَهٗۤ اَجۡرٌ عَظِيۡمٌ ﴿۲۸﴾ ع

(۲۸) ۽ ياد رکو تہ توهان جو مال ۽ توهان جو اولاد (اوهان جي لاءِ) هڪ آزمائش آهي (۽ هيءَ ڳالهہ بہ نہ وسارجو تہ) الله ئي آهي جنهن وٽ (نيڪي ڪندڙن لاءِ) وڏو اجر (۽ نعمتون) آهن.

### رڪوع 4

**خدا کان خوف رکڻ سان حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ ۽ سمجهڻ جي قوت پيدا ٿئي ٿي.**

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنۡ تَتَّقُوا اللّٰهَ يَجۡعَلۡ لَّكُمۡ فُرۡقَانًا وَّيُكَفِّرۡ عَنۡكُمۡ سَيِّاٰتِكُمۡ وَيَغۡفِرۡ لَكُمۡ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الۡفَضۡلِ الۡعَظِيۡمِ ﴿۲۹﴾

(۲۹) مومنؤ! جيڪڏهن توهان خدا کان ڊڄندا رهو (۽ سندس نافرماني کان بچو) تہ پوءِ هو توهان جي لاءِ (حق ۽ باطل ۾) فرق ڪرڻ ۽ سمجهڻ جي قوت پيدا ڪندو ۽ اوهان منجهان اوهان جون برايون ڪڍي ڇڏيندو ۽ اوهان کي بخشيندو. (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ تہ تمام وڏو فضل ڪندڙ آهي.

وَاِذۡ يَمۡكُرُ بِكَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لِيُثۡبِتُوۡكَ اَوۡ يَقۡتُلُوۡكَ اَوۡ يُخۡرِجُوۡكَ ؕ وَيَمۡكُرُوۡنَ وَيَمۡكُرُ اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ خَيۡرُ الۡمٰكِرِيۡنَ ﴿۳۰﴾

(۳۰) ۽ (اي پيغمبر!) اهو وقت ياد ڪر جڏهن (مڪي ۾) ڪافر تنهنجي خلاف پنهنجين مخفي تجويزن ۾ مشغول هئا، انهيءَ لاءِ تہ توکي گرفتار ڪن يا قتل ڪن يا ملڪ نيڪالي ڏين ۽ (جڏهن) هو پنهنجون مخفي تجويزون ڪري رهيا هئا (تڏهن) الله تعاليٰ بہ پنهنجون مخفي تجويزون ڪري رهيو هو ۽ الله تعاليٰ بهتر تجويزون ڪندڙ آهي.

وَاِذَا تُتۡلٰى عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتُنَا قَالُوۡا قَدۡ سَمِعۡنَا لَوۡ نَشَآءُ لَقُلۡنَا مِثۡلَ هٰذَاۤ ۙ اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّاۤ اَسَاطِيۡرُ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿۳۱﴾

(۳۱) ۽ جڏهن اسان جون آيتون هنن (ڪافرن) کي پڙهي ٻڌائجن ٿيون تڏهن هو چون ٿا تہ هائو، اسان ٻڌيون. جيڪڏهن اسان چاهيون تہ اسان بہ اهڙيون ڳالهيون ڪري سگهون ٿا. اهي ڳالهيون سواءِ هن جي ڇا آهن تہ گذري ويل ماڻهن جا لکيل داستان آهن.

وَاِذۡ قَالُوا اللّٰهُمَّ اِنۡ كَانَ هٰذَا هُوَ الۡحَقَّ مِنۡ عِنۡدِكَ فَاَمۡطِرۡ عَلَيۡنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَآءِ اَوِ ائۡتِنَا بِعَذَابٍ اَلِيۡمٍ ﴿۳۲﴾

(۳۲) ۽ (اي پيغمبر! اهو وقت بہ ياد ڪر) جڏهن (مڪي جي ڪافرن) چيو هو تہ، اي خدا جيڪڏهن هيءَ ڳالهہ (يعني اسلام جي دعوت) تنهنجي طرف کان حق آهي تہ اسان تي پٿرن جو مينهن وساءِ يا اسان کي (ڪنهن ٻئي) دردناڪ عذاب ۾ مبتلا ڪر.

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمۡ وَاَنۡتَ فِيۡهِمۡ ؕ وَمَا كَانَ اللّٰهُ مُعَذِّبَهُمۡ وَهُمۡ يَسۡتَغۡفِرُوۡنَ ﴿۳۳﴾

(۳۳) پر الله تہ ائين ڪرڻ وارو نہ هو جو تون انهن ۾ موجود هجين ۽ انهن کي عذاب ۾ وجهي ۽ الله ائين بہ ڪرڻ وارو نہ هو جو هنن کي عذاب ۾ وجهي ۽ هو معافي گهري رهيا هجن.

وَمَا لَهُمْ اَلَّا يُعَذِّبَهُمُ اللّٰهُ وَهُمْ يَصُدُّوْنَ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَمَا كَانُوْٓا اَوْلِيَآءَهٗ ؕ اِنْ اَوْلِيَآؤُهٗٓ اِلَّا الْمُتَّقُوْنَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٣٤

(٣٤) پر (هاڻي جڏهن هنن توکي مکو ڇڏڻ تي مجبور ڪيو آهي تڏهن) ڪهڙي ڳالهه رهجي وئي آهي جو الله کين عذاب نہ ڏئي، حالانک هو ڪعبت الله کان مسلمانن کي روڪي رهيا آهن ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ هو ان جا متولي ٿيڻ جا لائق ئي نہ آهن. ان جا متولي جيڪڏهن ٿي سگهن ٿا تہ اهي ئي ٿي سگهن ٿا جيڪي متقي (پرهيزگار) هجن (نہ فسادي ۽ ظالم) پر هنن مان گهڻن کي (هن حقيقت جي) خبر ڪانهي.

وَمَا كَانَ صَلَاتُهُمْ عِنْدَ الْبَيْتِ اِلَّا مُكَآءً وَّتَصْدِيَةً ؕ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ۝٣٥

(٣٥) ۽ ڪعبي جي گهر ۾ هنن جي نماز سواءِ هن جي ٻيو ڇا هئي تہ سيٽيون وڄائن ۽ تاڙيون هڻن، پوءِ جيڪو ڪفر توهان ڪيو ٿا (تنهن جي بدلي ۾) عذاب جو مزو چکو.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ لِيَصُدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ فَسَيُنْفِقُوْنَهَا ثُمَّ تَكُوْنُ عَلَيْهِمْ حَسْرَةً ثُمَّ يُغْلَبُوْنَ ۬ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى جَهَنَّمَ يُحْشَرُوْنَ ۝٣٦ۙ

(٣٦) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي پنهنجو مال ملڪيت انهيءَ لاءِ خرچ ڪري رهيا آهن تہ ماڻهن کي خدا جي راهہ کان روڪين. اهي ماڻهو آئنده بہ (اهڙيءَ طرح) خرچ ڪندا رهندا. پر پوءِ (اهو وقت ايندو جڏهن انهيءَ خرچ ڪرڻ تي) هنن کي ڏاڍو ارمان ٿيندو ۽ پوءِ (آخر) هو مغلوب ڪيا ويندا (يعني هو تباهہ ٿيندا ۽ مسلمان مٿن غالب پوندا) ۽ (ياد رکو تہ) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي (۽ پڇاڙيءَ تائين ان تي قائم رهيا) تن کي دوزخ ڏي هڪاليو ويندو.

لِيَمِيْزَ اللّٰهُ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ وَيَجْعَلَ الْخَبِيْثَ بَعْضَهٗ عَلٰى بَعْضٍ فَيَرْكُمَهٗ جَمِيْعًا فَيَجْعَلَهٗ فِيْ جَهَنَّمَ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ۝٣٧ع

(٣٧) ۽ اهو هن لاءِ ٿيندو تہ الله تعاليٰ ناپاڪ (روحن) کي پاڪ (روحن) کان جدا ڪري ڇڏي ۽ جيڪي ناپاڪ آهن تن مان ڪن کي ڪن سان ملائي ڇڏي، پوءِ سڀني کي (سندن بدحال ۾) جمع ڪري، پوءِ (قيامت جي ڏينهن) انهن کي دوزخ جي حوالي ڪري. اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي سراسر تباهہ ٿيڻ وارا آهن.

## رکوع 5

### ڪافرن کي امن ۽ صلح جي دعوت ۽ اڳين زيادتين کي معاف ڪرڻ جو وعدو

قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ يَّنْتَهُوْا يُغْفَرْ لَهُمْ مَّا قَدْ سَلَفَ ۚ وَاِنْ يَّعُوْدُوْا فَقَدْ مَضَتْ سُنَّتُ الْاَوَّلِيْنَ ۝٣٨

(٣٨) (اي پيغمبر!) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي تن کي چئي ڏي تہ جيڪڏهن توهان (هاڻي دشمنيءَ کان) باز اچو تہ جيڪي ٿي گذريو سو توهان کي معاف ڪيو ويندو. پر جيڪڏهن هو پوءِ بہ (ظلم ۽ لڙائي جي طرف) موٽن تہ (انهيءَ باري ۾) اڳوڻن جو طريقو ۽ ان جو نتيجو گذري چڪو آهي (۽ سڀني کي معلوم آهي تہ ظلم جو نتيجو آهي ظالمن جي تباهي. اهوئي نتيجو هنن مڪي جي ڪافرن کي بہ پيش ايندو.)

وَقَاتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ ۚ فَاِنِ انْتَهَوْا فَاِنَّ

(٣٩) ۽ (اي مسلمانو! هاڻي توهان جي لاءِ فقط هي چارو رهيو آهي تہ) هنن ڪافرن سان تيستائين لڙندا رهو، جيستائين ظلم ۽ فساد باقي نہ رهي ۽

اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٣٩﴾

دين جو سڄو معاملو اللّٰه ئي جي لاءِ ٿي وڃي (يعني دين جي آزادي هجي ۽ انسان جو ظلم ان ۾ دخل نه ڏئي) پوءِ جيڪڏهن اهي ڪافر (جنگ کان) باز اچن ته پوءِ جيڪي جيڪي هو ڪن ٿا تنهن کي خدا ڏسي ٿو پيو.

وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَوْلٰىكُمْ ۭ نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ﴿٤٠﴾

(٤٠) ۽ جيڪڏهن (صلح جي هن آخر دعوت کان به) منهن موڙين ته ياد رکو ته، اللّٰه تعاليٰ اوهان (مسلمانن) جو رفيق ۽ ڪارساز آهي (۽ جنهن جو رفيق اللّٰه هجي ته) ڪهڙو نه چڱو رفيق ۽ ڪارساز آهي ۽ ڪهڙو نه چڱو مددگار.